چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين

سنڌ جي ڏيڍ سؤ سالا انتظامي تاريخ انگن، اکرن، ڄاڻ سان ڀرپور
شخصي خاڪن ۽ بيشمار اڻ لڀ تصويرن جي روشني ۾

تحقيق ۽ ترتيب

مومن بُلو

PHPPS

CS CamScanner

ليکڪ جو تعارف

مومن ٻُلو 22 جولاءِ 1967ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪوٽ ٻُلا تعلقي پَني عاقل (سکر) ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان ورتائين ۽ ايليمنٽري تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول پيلار ۾ پڙهيو. جتان 1981ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ سنڌس سليڪشن ٿي. ميٽرڪ سائنس جو امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ انٽرميڊيئٽ گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. اسڪول واري زماني کان کيس لکڻ ۽ پڙهڻ سان چاهه هوءِ ڪاليج ميگزين ۾ سنڌي توڙي انگريزي ۾ سندس ڪيئي مضمون شايع ٿيا. اهو ئي سبب هو جو هن ميٽرڪ جي پڙهائي دوران ايم اي انگريزي ادب ۾ ڪرڻ جو سوچي ورتو. 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ BA (Hons) ۾ داخلا ورتي ۽ ايم اي (انگريزي ادب) سٺن نمبرن ۾ پاس ڪري صحافت جي ميدان ۾ باضابطا نموني پيرپاتو. هفتيوار The Friday Times ۽ News Line, ViewPoint جهڙن ناميارن ادارن ۾ ڪم ڪرڻ جي تجربي جي آڌار تي تحقيق طرف سندس دلچسپي وڌي ۽ ڪيترن ئي اهم معاملن تان پردو کڻي صحافت جي ميدان ۾ نالو ڪڍيو. سنڌ جي انتظامي تاريخ متعلق سندس هي انوکو ڪم سندس اعليٰ ذهانت ۽ ماڻهن ۽ معاملن تي گهري نظر جو ثبوت آهي. لکڻ ۾ ڪڏهن به لڪ لڪاءُ نہ ڪيو اٿس ۽ نہ ئي وري رياءُ جو شوق اٿس.

AQ Academy Sukkur

CamScanner

چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين

سنڌ جي ڏيڍ سؤ سالہ انتظامي تاريخ انگن،

اکرن، شخصي خاڪن ۽ اڻ ڇپيل تصويرن جي روشني ۾

ملڪيت حافظ عبدالسميع ولد [illegible] خان ٽالپر.
- هي ڪتاب [illegible] طرح [illegible] قاسم علي شاه ناظم تعلقه ڪائونسل روهڙي [illegible] کان
21-02-2004 بروز ڇنڇر 12 بجي منجهند سنڌ ن تعلقه ناظم آفيس منهنجي حوالي ڪيو

21-2-2004.

M. Ab. Samee Mangrio
NAIB NAZIM
U. C. 30 SANGRAR

تحقيق ۽ ترتيب

مومن بُلو

PHPPS

AQ Academy Sukkur

CamScanner

ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو : **چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين**

محقق ۽ مرتب : **مومن بلو**

موضوع : سنڌ جي ڏيڍ سؤسالا انتظامي تاريخ انگن اکرن ۽ تصويرن جي روشنيءَ ۾

پهريون ڇاپو : سال 2003ع

تعداد : هڪ هزار

قيمت : 1200 روپيا

شايع ڪندڙ : پاڪستان هيريٽيج پريزرويشن اينڊ پروموشن سوسائٽي (PHPPS) (رجسٽرڊ)

ڪمپوزنگ : سخاوت علي جتوئي، عبدالڪريم بلوچ ۽ اسدالله سومرو

رابطي لاءِ : آفيسر فليٽ # 36-A، پراڻي وحدت ڪالوني، حيدرآباد

فون : 0303-6142337

ISBN # 969-8701-00-1

Title : **Charles Napier *Khan* Muhammad Mian Soomray Tain**
(From Charles Napier to Muhammad mian Soomro)
A 150- year long Administrative history of Sindh

Researcher- Compiler: **Momin Bullo**

First Editon : **year 2003**

Quantity : **1000**

Price : **Rs. 1200**

Publisher : **Pakistan Heritage Preservation & Promotion Society (PHPPS) (Registerd)**

Acknowledgment

هي ڪتاب سنڌ سرڪار پاران ڏنل گرانٽ ۽ صوبي جي مالي معاملن جي صلاحڪار جناب آفتاب احمد شيخ ۽ چيف سيڪريٽري جناب ڪي بي رند جي خصوصي دلچسپي ۽ ببيها ڪوشش سان شايع ڪيو ويو.

AO Academy Sukkur

CamScanner

ضلع ڪائونسل سکر

نمبر	يونين ڪائونسل جو نالو	ناظم/نائب ناظم جو نالو	ولديت	ڄم جي تاريخ	پتو	تعليم	شناختي ڪارڊ نمبر
.1	جيئي شاهه	عبدالرحمان فاروق	عبدالغني پيرزادو	1-12-1947	جيئي شاهه گهٽي پراڻو سکر	ايم اي- ايل ايل بي	409-93-164248
		نياز محمد	محمد وريام شيخ	9-2-1958	واسپور روڊ پراڻو سکر	انٽر	409-92-127025
.2	مير معصوم شاهه	محمد حنيف ميمڻ	محمد يونس	10-10-1966	سي 379 فريئر روڊ سکر	ايم اي	409-66-092935
	مير معصوم شاهه	محمد جنيد صديقي	محمد صابر صديقي	1975	سي 470 ويلس سکر	ايم اي. ايل ايل بي	409-93-161923
.3	نيو پنڊ	منظور احمد	گهمڻ خان مهر	1954	بوسالين سکر	مئٽرڪ	409-93-164001
	نيو پنڊ	محمد اقبال	رحيم بخش ميراڻي	1-2-1967	راهوجا روڊ سکر	مئٽرڪ	409-85-047972
.4	شمس آباد	غلام حيدر		13-3-1950	بنگلو نمبر بي اي 10/بندر روڊ سکر	بي اي	409-50-003027
	شمس آباد	رفيق احمد	غلام محمد پنهور	19-4-1965	پٺا روڊ سکر	ايم بي بي ايس	409-65-130233
.5	سمال انڊسٽري	غلام محمد	نواب خان ماڪو	3-3-1939	ڳوٺ ربنواز ماڪو	بي اي	410-88-023900
	-	غلام مرتضيٰ	غلام مصطفيٰ گهانگهرو	24-10-1973	نيو پنڊ سکر	ايم اي	409-73-071987
.6	ڪميار پاڙو	محمد عمر	محمد حسين بنڌاڻي	1944	نئون ڳوٺ سکر	ايم اي. ايل ايل بي	409-44-100110
		محمد رضا	محمد رمضان بنڌاڻي	19-7-1960	نئون ڳوٺ سکر	ميٽرڪ	409-60-071789
.7	گلشن اقبال	نصرالله	امير بخش قريشي	17-5-1953	عزيز آباد سکر	بي اي	409-53-169536
		محمد حسن	گلشير چوهاڻ	16-9-1968	ڳوٺ گلشير چوهاڻ	بي اي	411-88-191712
.8	نئون ڳوٺ	نور محمد	خان محمد سومرو	16-1-1953	مستري روڊ سکر	ايم بي بي ايس	409-35-147485
		محمد حنيف	عبدالڪريم بنڌاڻي	31-7-1967	نئون ڳوٺ سکر	ايم اي	409-61-103463
.9	پراڻو سکر	محمد ايوب فاروقي	محمد يعقوب	1-8-1947	336-اي-رايل روڊ پراڻو سکر	ايم اي. ايم ايس سي	409-47-008069

					هاشمي گهٽي روهڙي		
.24	سنگرار	سيد شفيع محمد شاه	مراد علي شاه	1-1-1948	ڳوٺ ڏاڏا، تعلقو روهڙي	ميٽرڪ	416-48-081222
		حافظ عبدالسميع	جيئند خان منگريو	4-4-1974	ڳوٺ مانگرکي	ميٽرڪ	416-93-195728
.25	ڪندرا	الهه وسايو	مولا بخش ٻرڙو	1-1-1947	ڳوٺ واهه ٻرڙا	ايم ايڊ	416-47-037285
		سيد منير حسين	سيد منظور حسين شاه	15-10-1969	محلا نئون ڳوٺ ڪندرا	ميٽرڪ	416-88-034245
.26	بيدل بيڪس	سيد نسيم عباس شاه	سيد خادم علي شاه ڪوٺائي	19-3-1970	ڪوٺ مير يعقوب علي شاه	بي اي	416-70-141395
		رانا افتخار علي خان	محمد حسين راجپوت	5-9-1962	هائوس نمبر بي 362 لوڪوشيڊ، روهڙي	ايم ايس سي، ايم بي اي	416-62-002268
.27	ٽريمولو	سيد غلام رسول شاه	فقير محمد شاه	5-11-1945	ڳوٺ نٽ	ايم اي، ايل ايل بي	416-45-152995
		علي بخش	الهورايو گهنيو	25-8-1960	ڳوٺ ابيليو	ميٽرڪ	—
.28	علي واهڻ	ڪريم بخش	امير بخش سومرو	1-1-1950	ڳوٺ علي واهڻ	ميٽرڪ	416-50-028220
		عبدالعزيز	علي محمد	1-8-1968	ڳوٺ علي واهڻ	ميٽرڪ	416-65-028405
.29	لونگ پٽي	غلام مصطفيٰ	حاجي فيروز خان چچڙ	25-11-1956	ڳوٺ نٽي ديهه آباد	بي اي	416-56-118392
		ڏتي بخش	گاهي خان شيخ	1-1-1950	شيخ محلا	ميٽرڪ	416-50-065009
.30	پنهيار	محمد علي شيخ	حاجي لعل محمد خان	1-12-1953	ڳوٺ پنهور	بي اي	416-53-031030
		محمد ادريس	قادر بخش جاگيراڻي	31 سال	ڳوٺ گنج بخش	ميٽرڪ	416-92-104165
.31	اروڙ	سيد شفقت حسين شاه	سيد نعمت الله شاه	2-1-1962	ڳوٺ فضل آباد	بي اي	416-62-021081
		قيصر علي بلوچ	غلام حسين خان سروهي	22-7-1937	پٽ نور شاه	ميٽرڪ	416-37-021551
.32	لعل جزيو شنباڻي	مير شاهد حسين	مير قلب حسين ٽالپر	12-5-1970	ڳوٺ جانوجي	ميٽرڪ	416-70-076199
		نياز حسين	صاحبڏنو پنيرو	18-8-1973	ڳوٺ دهل وارو	ميٽرڪ	416-92-053775

External Note: Naib Nazim UC Sangrar Hafiz Abdul Sami Mangrio (from ~2001 to ~2004) is mentioned on page No.858 and in second row of S.No.24 in the book namely "Charles Napier to Muhammad Mian Soomro (compiled history of 150 years of Sindh)

CamScanner

فهرست

شمار	مضمون	صفحو
1	مدح - حمل فقير	7
2	ڪتاب متعلق ماهرانا راءِ:ڊاڪٽر سرفراز پيٽي	11
3	نيپيئر واري سنڌ جو نقشو	13
4	پيش لفظ	15
5	پنهنجي پاران	17
6	محمد ميان سومرو: پروفائيل	21
7	سرچارلس نيپيئر: پروفائيل	24
8	چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين	25
9	سنڌ جو بلدياتي سرشتو ۽ ان جي اوسر	32
10	اختيارن جي ورچ	40
11	ون يونٽ: ڪنهن ها ۽ ڪنهن نہ ڪئي؟	42
12	پرنگل کان پرهياڙ تائين	44
13	سنڌ جو مڪاني سرشتو ۽ عام چونڊون	51
14	جديد سنڌ: اهم ڇاڻ	52
15	تعليم جي شرح	54
16	بلدياتي نظام جا انوکا رڪارڊ	55
17	ضلعي ناظمن جا چونڊ نتيجا	56
18	SPSCجي ساليانی رپورٽ	57
19	سنڌ جا اعليٰ تعليمي ادارا	58
20	سنڌ ۾ ديني مدرسا ۽ مسجدون	59
	انگن اکرن جي روشني ۾	
21	بمبئي جا گورنر:ٽيبل	62
22	سنڌ جا ڪمشنر، گورنر، چيف منسٽر، چيف سيڪريٽري ۽ اسپيڪر:ٽيبل	63
23	سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا چيئرمين:ٽيبل	71
24	سنڌ جاعظيم دانشور ڪامورا	72
25	سنڌ جا يادگار ڪامورا	81
26	سنڌ جا ڪمشنر:پروفائيل	85
27	سنڌ جا ڪليڪٽر:پروفائيل	100
28	سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي	405
	ناظم اعليٰ جو پروفائيل، ضلعي جو تعارف، گورنرن ۽ وڏن وزيرن جون تصويرون، ملير گيريزن، جناح ڪورٽس، 1998ع جي آدمشماري جي رپورٽ، اگوٽا ڪليڪٽر:ٽيبل، ڪراچي ميونسپل جا ميئر:ٽيبل، ٽائون ناظم:تعارف ۽ ڊسٽرڪٽ اسيمبلي	
29	ضلعا حڪومت حيدرآباد	475
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، ضلعي جو تاريخي پس منظر، حڪمران ٽالپر گهراڻي جو شجرو، ضلعي جي آدمشماري، اگوٽا ڪليڪٽر، ڪمشنر ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، ايڇ ايم سي ميئر:ٽيبل، تعلقا ناظمين:تعارف، ضلعا ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
30	ضلعا حڪومت ٺٽو	604
	ضلعا ناظم:پروفائيل، ٺٽي جو بڻ بڻياد، ڪٽنب، قبيلا، اوڙا پاڙا، ميرپور بٺورو، ضلعي جي آدمشماري، جهرڪن جو شهر، پنيور، اگوٽا ڪليڪٽر ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، اگوٽي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا چيئرمين ٽيبل:، تعلقي ناظم:تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
31	ضلعا حڪومت بدين	567
	ضلعي ناظم جو پروفائيل، بدين تاريخ جي آئيني ۾، ڪٽنب قبيلا ۽ راڄ ڀاڳ، اوپن جيل، آدمشماري، اگوٽا ڊي سي ۽ ڊي سي اوز: ٽيبل، تعلقي ناظم:تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر: تعارف.	
32	ضلعا حڪومت دادو	604
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، دادو جو جادو، سيوهڻ شريف، ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو، ضلعي آدمشماري، اگوٽا ڪليڪٽر ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، ضلعي ڪائونسل ۽ تعلقي ناظمن جو تعارف	
33	ضلعا حڪومت ميرپورخاص	649
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، ميرپورخاص:ماضي، حال ۽ مستقبل، ضلعي آدمشماري، ايسٽرن	

شمار	مضمون	صفحو
	فرنٽيئر جا اڳوڻا ڪليڪٽر، ڪمشنر ۽ ڊي سي اوز ٽيبل: اڳوڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا صدر: ٽيبل، تعلقي ناظم: تعارف:ضلعا ڪائونسل جاميمبر:تعارف	
34	ضلعا حڪومت ٿرپارڪر	669
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، پراڻو پارڪر ۽ ٿرپارڪر، ضلعي جي آدمشماري، اڳوڻا ڊي سي ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، تعلقي ناظم :تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر تعارف.	
35	ضلعا حڪومت سانگهڙ	697
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، سانگهڙ ماضي، حال ۽ مستقبل، محفوظ، منصوره، سانگهڙ جو ثقافتي ورثو، ضلعي جي آدمشماري، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي اوز: ٽيبل، تعلقي ناظم :تعارف، ضلعي ڪائونسل جاميمبر:تعارف.	
36	ضلعا حڪومت نوابشاهه	736
	ضلعا ناظما جو پروفائيل، ضلعي جو تعارف، رئيس علي نواز انڙ، اڳوڻي لوڪل بورڊ جا صدر:ٽيبل، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي، ڊي سي اوز:ٽيبل، آدمشماري، تعلقي ناظم: تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
37	ضلعا حڪومت نوشهروفيروز	756
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، ضلعي جو تعارف، جتوئي خاندان جو شجرو، دربيلو، آدمشماري، اڳوڻا ڊي سي:ٽيبل، تعلقي ناظم:تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
38	ضلعا حڪومت خيرپور	782
	ضلعا ناظما جو پروفائيل، خيرپور جو تعارف، ٽالپر گهراڻي جو حسب نسب، ٽالپر گهراڻي جو شجرو، پاڳاري خاندان جو شجرو، آدمشماري، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڪمشنر ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، تعلقي ناظمن جو تعارف، ضلعا ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
39	ضلعا حڪومت سکر	823
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، سکر، بکر، روهڙي، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي، ڪمشنر، ڊي سي اوز:ٽيبل، اڳوڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا چيئرمين: ٽيبل، آدمشماري، تعلقي ناظم تعارف:ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
40	ضلعا حڪومت گهوٽڪي	863
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، گهوٽڪي، اوباوڙي جا ڏهر، ماٿيلو، آدمشماري رپورٽ، اڳوڻا ڊي سي ۽ ڊي سي اوز:ٽيبل، تعلقي ناظم:تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
41	ضلعا حڪومت شڪارپور	879
	ضلعا ناظم جو پروفائيل،ضلعي جو تعارف، سومرا خاندان جو شجرو، آدمشماري رپورٽ، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي ۽ ڊي سي اوز: ٽيبل، تعلقي ناظم :تعارف،ضلعا ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
42	ضلعا حڪومت لاڙڪاڻو	917
	ضلعا ناظم جو پروفائيل،ضلعي جو تعارف، ڀٽا گهراڻي جو شجرو، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي، ڊي سي اوز:ٽيبل، آدمشماري رپورٽ، تعلقي ناظم: تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
43	ضلعا حڪومت جيڪب آباد	949
	ضلعا ناظم جو پروفائيل، ضلعي جو تعارف، اڳوڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا صدر: ٽيبل، ڊاڪٽر حفيظ جو پروفائيل، جان جيڪب جو پروفائيل، وڪٽوريا ٽاور، ضلعي جي آدمشماري، اڳوڻا ڪليڪٽر، ڊي سي ۽ ڊي سي اوز: ٽيبل، تعلقي ناظم:تعارف، ضلعي ڪائونسل جا ميمبر:تعارف	
44	خصوصي ضميمو	997
45	خصوصي ضميمو	1015
46	خصوصي ضميمو	1044

Subject: Expert Opinion

It is certified that I have gone through the typed script of the Sindhi Scholarly research work by Mr. Momin Bullo, entitled as "چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين" "From Charles Napier To Muhammadmian Soomro". The author has done highly commendable work to collect and consolidate data of the British administration with specific references to the original texts.

The book contains:

(1) The municipal, administrative & Political survey of Sindh right back from 1843 to this day.

(2) Who's who and what is what of Nazims and Naib Nazims of Sindh.

(3) Socio-political; Geo-Archaeological; and demographic profiles of Districts.

(4) The Commissioners, Collectors and Deputy Commissioners who ruled the roost in their capacities: their uptodate district / Division- wise consolidated lists in chronological order along with their brief biographical sketches.

(5) Prominent families and the personalities that inhabit the districts of Sindh.

(6) Quality of education reflecting the performance of candidates domiciled of various districts of Sindh as monitored by the provincial Public Service Commission at glance.

(7) Actual narrative of Union Councils, Councilors, lady Councilors and the break up of Zila Councils & councilors of the province.

(8) Census report of the year 1998 of each district right upto town committee level.

It is my considered opinion that the publication of this scholarly work will be a valuable addition to literature pertaining to Sindh's history and similarly it would be highly useful for the better governance of the province. It will provide useful information and will serve as guidance book to Nazims, Naib Nazims and the concerned officers and also be used as reference book in all government offices in the context of newly introduced administrative set up.

I will not hesitate to say that a close study of this book is a must for every one in the new administrative system. It is a unique work of its kind.

Finally, I congratulate Mr. Momin Bullo who has caught the spirit of the times to produce this master piece. I earnestly hope that all departments of the government of Sindh will benefit from it and readily keep the book available in each superior and subordinate offices for ready reference.

(Dr. Sarfaraz Ahmed Bhatti)
Hyderabad

CamScanner

نيپيئر واري سنڌ



پيش لفظ

هيءَ ڪتاب سنڌ ۾ حڪومتي نظام ۽ انتظام جي تاريخ آهي. ڪتاب جو مؤلف مومن بلو صاحب هڪ محنتي صحافي آهي جنهن صحافين واري انداز ۾ هن ڪتاب ۾ مفيد معلومات مهيا ڪئي آهي. طالب علمي جي زماني 89-1988ع ۾ صحافت جي ميدان ڏانهن وک وڌايائين ۽ هاڻي هو **"فرائيڊي ٽائمس لاهور"** جو رپورٽر آهي، ۽ صحافت جي ميدان ۾ ڄاتل سڃاتل آهي. هو سنڌي کان سواءِ انگريزي ۾ به لکندو رهي ٿو ۽ روزمره جي سياسي ۽ سماجي سماچار توڙي سنڌ جي ماضي جي حالات سان سندس گهڻي دلچسپي رهي آهي. اطلاعات ۽ معلومات واري انهيءَ ذوق کيس هن ڪتاب جي تاليف ڏانهن راغب ڪيو. ان سان گڏ اڳئين نظام ۽ انتظام جي خاتمي ۽ نئين ضلعي حڪومتن واري نظام جي نافذ ٿيڻ سان پڻ کيس هن قلمي ڪشالي ڪڍڻ جي ضرورت محسوس ٿي. هن جنهن تفصيل سان ماضي کي ياد ڪيو آهي تنهن سان هيءَ ڪتاب اڳئين نظام ۽ انتظام تي جڻ محبت ڀريو مرثيو آهي.

سنڌ ۾ پوئين ڏيڍ سئو سالن جي حڪومتي نظام ۾ ان دور جي منتظمين جو تفصيلي احوال هڪ اهم تاريخي موضوع آهي، جنهن تي توجهه جي ضرورت هئي. ان موضوع تي هي پهريون ڪتاب آهي.

بلو صاحب سنڌ ۾ ڪامورن جي ڪهاڻي شروع کان آخر تائين پڪي رڪارڊ، ڪتابن ۽ اخباري حوالن سان بيان ڪئي آهي، جنهن سان سنڌ ۾ انتظامي عمل (ائڊمنسٽريشن) جي نوعيت کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق جا ڪيئي رخ آهن، پر ضروري آهي ته جيڪو رخ وٺي هلجي تنهن جا پورا پار پتا ڏجن. هن ڪتاب ۾ موضوع بابت سربستا پار پتا ڏنل آهن. موضوع ان لحاظ سان انوکو آهي جو ان ۾ ڪامورن جي ڪهاڻيءَ کي خاص اهميت حاصل آهي. عمومن ڪامورا ۽ ڪامورا شاهي زير عتاب پئي رهيا آهن، پر حقيقت جي لحاظ سان ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کان سواءِ به ڪاروبار هلي نٿو سگهي. نظام ٺاهڻ ۽ انتظام هلائڻ وارا، يعني قانوني نظام ٺاهڻ وارا توڙي قانون کي عمل ۾ آڻڻ وارا ملڪ ۾ امن قائم رکڻ توڙي سڌاري واڌاري لاءِ اهم رول ادا ڪن ٿا. البت جيتري قدر ڪنهن به ترقي پذير معاشري ۾ عملدارن جو هئڻ لازمي آهي اوتري قدر اهو به لازمي آهي ته انهن جو ڪردار بلند هجي. پر ڪردار جو معيار اوس پوري معاشري جي معيار مطابق ٿي رهندو. هن ڪتاب ۾ ڪن لائق عملدارن جي ڪن قابل قدر ڪارنامن تي روشني پوي ٿي ۽ ڪيترن ئي جي نالن سان منسوب ماڳ مڪانن جي ڄاڻ ملي ٿي.

ملڪي انتظام ۾ منتظمين جي سوانحي خاڪن سان گڏ ڪتاب ۾، وقت جي سياسي ۽ سماجي شخصيتن توڙي ان دور جي مسئلن جو ذڪر به شامل آهي. اهو سڄو مواد تاريخي اهميت وارو آهي. ٻي اهم ڳالهه اها جو اڳئين نظام سان گڏ هاڻوڪي ضلعي نظام بابت پڻ ڀرپور معلومات مهيا ڪيل آهي ۽ ڪامورن وانگر چونڊيل ناظمن کي پڻ پروفائيلن ۽ تصويرن سان نمايان ڪيو ويو آهي. جاگرافيائي لحاظ سان، ضلعن جي حدن ۾ ڦير گهير، ضلعن جا تعلقا، تپا، ديهون، ڳوٺ بلڪ ڪٽنب ۽ قبيلا به بيان ٿيل آهن ۽ اهڙي طرح سنڌ جي سڀني ضلعن جو مڪمل پروفائيل موجود آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بلو صاحب جو هي "ڪامپيوٽري" ڪشالو سنڌ جي ڏيڍ سو سالن واري انتظامي تاريخ بابت هڪ اهم ڪارنامو ثابت ٿيندو.

علامه آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ
15 - ڊسمبر 2003ع

خادم العلم
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

CamScanner

پنهنجي پاران

ڏهن سالن جي لڳاتار ڪوشش، تقريبن 500 ڪتابن، ڪتب خانن، رسالن، ڪامپيوٽري ويب سائيٽن جي مدد ۽ لڳ ڀڳ 2000 شخصيات سان رسمي ۽ غير رسمي انٽرويوئن جي آڌار تي سنڌ جي 160 سالن جي طويل انتظامي سرشتي ۽ جديد بلدياتي نظام سان سلهاڙيل هزارين شخصيات متعلق انسائيڪلو پيڊيائي معلومات ۽ ناياب تصويرن تي مشتمل هي تاريخي ڪتاب الله ۽ سندس حبيب ﷺ جي مهربانين سان ڏينهن جي روشني ڏسڻ جي قابل ٿيو آهي. **"چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين"** هن ڪتاب جي نالي تجويز ٿيڻ کان وٺي ان ۾ شامل مضمونن ۽ تصويرن جي سهيڙ، سينگار ۽ سنوار جي پيچيده مرحلن مان گذاريندين ٽي سال لڳا. ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ، فلمنگ، فوٽو گرافي پيسٽنگ ۽ آخر ۾ پرنٽنگ وارا اٽانگا مرحلا به پاڻ کي طئي ڪرڻا پيا. سڀ کان ڏکيو مرحلو اهو لڳو جو ڪاپي جيستائين هٿن ۾ هئي ته اوستائين جيڪي جيڪي انتظامي تبديليون رونما ٿينديون رهيون، جنهن ۾ شامل آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، رٽائرمينٽون، ڪاٽن ۾ ڦير ڦار، عهدن ۾ توسيع ۽ فوتيون وغيره يا ناظمن خلاف بي اعتمادي واريون رٿون واقع ٿيون يا مختلف هنڌن تان هٿ لڳندڙ مواد کي تيار ڪرڻ ۽ هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ موزون جاءِ ڪڍڻ. ويتر هي ڪتاب ڪنهن هڪ موضوع يا چند واقعات يا شخصيات متعلق ته هيو ڪونه جو شين جي سهيڙ منٽن ۾ ٿي وڃي.

جيئن ته هي ڪتاب انتظامي تاريخ جي ٻن وسيع نظامن متعلق آهي جن مان هڪ 160 سالن جو طويل سفر طئي ڪندو 2001 ۾ اختتام پذير ٿيو ۽ ٻيو اهو جنهن ساڳي سال ان جي جاءِ والاري پنهنجو سفر شروع ڪيو.

اهڙي نئين نظام سان سلهاڙيل هزارين چونديل نمائندن متعلق ڄاڻ ۽ تصويرون گڏ ڪرڻ ۽ ان کي پڻ ساڳي ريت ۽ ساڳي جذبي سان **Up date** ڪرڻ يقينن ڪو آسان ڪم نه هو.

جڏهن کان وٺي اينٽراپالاجي واري مضمون کي پڙهڻ ۽ لکڻ جي دلچسپي پيدا ٿي ته ان ڏينهن کان وٺي سنڌ ۾ نوڪري ڪري ويل گورن جي زندگي، واقعات ۽ حالات متعلق معلومات حاصل ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ طرف هڪ لاشعوري جستجو پيدا ٿي. ويتر جڏهن اهو پهريون ڀيرو معلوم ٿيو ته **Shah of Bhitt** جو ليکڪ ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي هڪ باڪمال عالم هئڻ سان گڏ با صلاحيت ڪليڪٽر به هو، جنهن حيدرآباد، سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ آفيسري هلائي. شايد ڊاڪٽر سورلي ئي انگريز ڪامورا شاهي جو ڪردار هو جنهن جي هن آفاقي ڪم کان متاثر ٿي سموري برطانوي راڄ متعلق معلومات ڏيڪ ڪرڻ ۽ اهڙي نظام ۾ شامل ڪوڙ سارن ٻين "سورلين" جي تلاش ڪرڻي هئي جيڪي تاريخ جي بدترين تعصبات ۽ ٻه اکيائي جي ور چڙهي وڃڻ ڪري سنڌ واسين جي ذهنن تان ميسارجي ويا ۽ نتيجي ۾ گهڻو ڪجهه پوئتو پئجي ويو. سنڌن متعلق اڻ لڀ ادب، قلمي نسخا، فوٽو، فائيل، ڪاغذ پٽ، تحقيقاتي ۽ جاسوسي رپورٽون يا هن خطي جي ماڻهن متعلق سنڌن پاران لکيل راين تي مشتمل چنا سڀ جا سڀ يا "انڊيا آفيس لائبريري" وڃي پهتا ۽ جيڪي ڪجهه وڃي بچيا سي هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا ۽ اڃا به جيڪي ڪجهه بچيو سو يا ته اڌوهي جو کاڄ ٿيو يا وري اڃا تائين هن بيرحم معاشري جي نسوري لاپرواهي ۽ بي حسي جي نذر ٿيندي نظر اچي رهيو آهي.

هن ڪتاب جي تياري بابت جڏهن هڪ بزرگ دوست کي آگاهي ڏنم ته هن جي واتان بي ساخته رڙ نڪري وئي ۽ دعائون ڏيڻ لڳو ۽ چيائين ته سنڌ جو هي علمي خزانو بچائي تو حج ڪئيو آهي.

CamScanner

بهرحال، هي هڪ اهڙو موضوع جنهن جي متعلق ڪنهن بہ ٻولي ۾ هن وانگر انسائيڪلو پيڊيائي معلومات يا تہ سري ڪان هئي ئي ڪونہ يا وري اگر هئي تہ اها ڇڙوڇڙ ۽ بلامقصد. يعني ڪنهن شخصيت جي زندگي جو مختصر خاڪو موجود هو تہ تصوير نہ هئي ۽ جي تصوير هئي تہ اها بنان ڪيپشن جي هئي. اهي سڀ شيون ۽ مستقبل جي تحقيدانن جي دشوارين کي آسان بنائڻ ۽ سندن ضرورتن واري عنصر کي ذهن ۾ رکي ۽ ماضي ۾ ان موضوع متعلق لکيل بي ترتيب ڪتابن ۽ مضمونن جي درستي لاءِ هيڏي جاکوڙ ۾ پاڻ کي ڦاسايم. ان سلسلي ۾ ڪتب آندل ڪيترا اهڙا بہ ڪتاب مطالعي هيٺ آيا جن ۾ شامل معلومات ايتري قدر تہ ناقص هئي جو ڪنهن فرد جو نالو هڪڙو هو تہ سندس عهدي جي تاريخ وڃان ئي ٽين هئي. مثلن شڪارپور جي ڪليڪٽرن وارو بورڊ سري ڪان گم ٿي وڃڻ ڪري اڄ تائين اهو معلوم ڪرڻ ڪنهن گوارا نہ ڪيو تہ 1843ع ڪان وٺي 1901ع تائين ان ضلعي جا ڪير ڪير ڪليڪٽر رهيا ۽ ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا ۽ پنيان ڪهڙا نشان ڇڏيا؟ اسٽور گنج نالي سڏجندڙ شهر تي اهو عجيب و غريب نالو ڪيئن پيو ۽ ڪنهن وڌو تنهن جي پڻ معلومات حاصل ڪرڻ ضروري هئي. سکر وارو "لَيوڪس پارڪ" يا "لوڪس پارڪ"؟ مطلب تہ 160 سالن تائين منظم انداز ۾ هلندڙ نظام تمام ترخوبين، خاصيتن ۽ خرابين کي پاڻ سان گڏ ڪٺي جيئن وڌيو ۽ عروج حاصل ڪري تنزل جو شڪار ٿيو تنهن جي اسباب جي پڻ نشاندهي ڪرڻ ضروري هئي. اگر اهڙين شين کي "رننگ ڪمينٽري" ۾ پيش ڪجي ها تہ شايد هن ڪتاب کي پڻ هڪ ٻيو بوريت ڀريو ڪتاب تصور ڪيو وڃي ها ۽ وينتر ان جي سائيز کي ڏسي هر ڪو هٿ ڪڏائي ڀڄي ها. پر انهن سمورين شين کي پروفائيلن ۾ شامل ڪري وڏيڪ دلچسپ بڻايو ويو تہ جيئن هڪ پڙهندڙ ماضي جي حالتن بابت ڄاڻ سان گڏ لطف بہ حاصل ڪري ۽ هڪ تحقيقيدان سليقي ۽ آساني سان پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهي. ظفر ڪاظمي صاحب جي دڙڪن، دهمانن ۽ دعائن جي طفيل تيار ٿيل هن ڪتاب متعلق راءِ هئي تہ هن ڪتاب ۾شامل معلومات جي آڌار تي هاڻي سنڌ متعلق انيڪ موضوعن تي بہ آساني 100 پي ايڇ ڊيز تيار ڪري سگهبيون.

ڪنهن جي راءِ هئي تہ هن ڪتاب ۾ روينيو انتظاميہ سان منسلڪ شخصيات جا خاڪا ۽ تصويري ڪهاڻيون شامل ڪري سچ پچ پڙهندڙن کي ڏيڍ صدي پراڻي سنڌ جو سير ڪرائڻ جو شرف بخشيو ويو آهي.

جيستائين تعلق آهي معلومات گڏ ڪرڻ جو ۽ عام توڙي خاص ماڻهن کي ان ڏس ۾ تعاون لاءِ دعوت ڏيڻ ۽ منٿ ميڙ ڪرڻ جو تہ اهو بيحد ڏکيو مرحلو آهي ۽ خاص ڪري سنڌ جي ماڻهو ان ڏس ۾ ڪنهن بہ قسم جو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. هن ئي ڪتاب جي سلسلي ۾ هڪ هزار ڪان مٿي ماڻهن کي خط روانا ڪيا ويا ۽ يادگيري لاءِ ان ڪان ٻيٽا فون ڪيا ويا. اخبارن ۾ اشتهار ۽خبرون ڏنيون ويون پر افسوس تہ تمام گهٽ ماڻهن جواب ڏنو. جڏهن سائين جي ايم سيد جو "جنب گذاريم جن سين" ڇپجي پڌرو ٿيو هو ۽ نقادن جي نظرن مان گذريو ۽ جڏهن مان هر هڪ غلطيون ڪڍڻ شروع ڪيون تہ ان وقت بہ مسٽر جي ايم سيد کي ساڳي دانهن دهرائڻي پئي ۽ چيو تہ ماڻهو خطن جو جواب نہ ڏيندا تہ پوءِ اهونہ لکنداسون تہ ٻيو ڇا لکون؟

سائين جي ايم سيد واري ڳالهہ مون کي بہ ورجائڻي پئي آهي تہ جيڪڏهن معلومات کي پيٽڻ ۽ وڌيڪ مستند بنائڻ جي انتظار ۾ اجا بہ ويهجي ها تہ هي ڪتاب شايع ڪرائڻ شايد ممڪن نہ ٿئي ها.

ڏيڍ سئو سالن تائين جاري رهندڙ ڪالعدم ٿي ويل مئجسٽريسيءَ جا ڪيترائي دلچسپ واقعا ۽ انيڪ قصا هن ڪتاب ۾ سمائڻ جي هڪ معمولي ڪوشش ڪئي وئي آهي جيڪا يقينن اڻ پوري ۽ بي

CamScanner

ترتيب آهي. سنڌ ۾ نوڪري ڪري ويل هزارين ڪمشنر، ڪليڪٽر، ڊي سي ۽ ڊي ايم جن جي عيش عشرت، ڏاڪو ڌمان ۽ عقلمندي ۽ اورچائي وارين خوبين ۽ خرابين سان ڀرپور پروفائيل، سنڌن ناياب تصويرن سان گڏ شايع ڪرڻ بدلجندڙ وقت، حالتن ۽ انسان جي ذهني ارتقا جي ڏگهي سفر جو علمي اڀياس ڪرڻ هو. ايڏي طويل سفر ۾ اسان کي هڪ اهڙو ڊپٽي ڪمشنر به نظر اچي ٿو جنهن انڊين ليجسليٽو اسيمبلي جي هڪ ميمبر کي پنهنجي گهر جي دروازي تان اڳواٽ وقت وٺي اچي ملاقات ڪرڻ لاءِ چئي موٽائي ڇڏيو ۽ وري جڏهن ڏٺوسين ته اڄوڪي زماني ۾ ڪوڙ اهڙا به ڊپٽي ڪمشنر نظر آيا جيڪي منسٽرس ۽ چيف منسٽرس جي گاڏي ڊرائيو ڪندي فخر محسوس پئي ڪيو. اهڙا به ڊي سي ڏٺا ويا جن جون نوڪريون بازاري عورتن جي پٺيان گاڏيون ڊوڙائڻ جي ڏوهه ۾ تيل ٿي ويون.

وري آفيسرن جو هڪ اهڙو لڏو به اڀريو جن موجوده حالتن ۽ روايتن خلاف سر عام بغاوت جو جهنڊو بلند ڪندي خلوص نيت سان ماڻهن ۽ ادارن جي ڀلائي جي ڪمن ۾ پاڻ کي ارپيل رکيو. نتيجي ۾ کين پڻ تڪليفون ۽ پريشانيون پلئه پيون.

موجوده دور ۾ جڏهن نئين بلدياتي نظام کي شروع ٿئي اڃا ڪو وڏو عرصو ناهي ٿيو پر پوءِ به آفيسر شاهي جي ذهنن ۾ اڃا تائين ڪا واضح تبديلي نظر نه اچي سگهي آهي. سنڌن اختيارن ۾ ته ضرور گهٽتائي آئي آهي پر عام طرح سنڌن معيار زندگي تقريبن اها ساڳي آهي جيڪا سالن کان رهندي پئي آئي. ايماندار ۽ اهل آفيسر اڄ به ساڳي ڪشمڪش ۾ آهي ۽ سنڌن هڪ به نه ٿي ٻڌي وڃي.

اختيارن جي ورڇ واري هن نظام جي مخالفت ورلي ڪو ماڻهو ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو باقي ايترو ضرور چيو وڃي ٿو ته نظام ڀلوڙ آهي پر ان کي هلڻ ۾ غير ضروري روڙا اٽڪايا وڃن ٿا.

نئين بلدياتي نظام جي تيار ڪيل خاڪي ۾ اهو واضح ڪيو ويو هو ته ڪنهن به ضلعي جو ضلعي رابطا آفيسر ٽن سالن تائين لاڳيتو ڪم ڪندو رهندو ۽ سندس بدلي نه ڪئي ويندي. پر سنڌ جي تقريبن سڀني ضلعن جا DCOs مختلف موقعن تي ضلعي حڪومتن سان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. اهو به چيو ويو ته اگر ڪو DCO سانڌهه ٻن ضلعن مان بدلي ڪيو ويو ته ڪيس سبب جاڻايو نوٽيس ڏنو ويندو. پر اڃان تائين اهڙي ڪا به شيءِ نظر نه آئي آهي.

آڪٽوبر 2002 جي عام چونڊن تائين جا چونڊيل ناظم پنهنجي عملي سان گڏ پنهنجي اختيارن جو ڀرپور نموني استعمال ڪري رهيا هئا پر عوامي نمائندا ميدان تي لهي اچڻ کانپوءِ سنڌن ڪارڪردگي متاثر ٿيندي نظر آئي ۽ گهڻن ضلعن ۾ آفيسرن جي مقرري ۽ بدلي مبينه طور علائقي جي وزيرن ۽مشيرن جي فرمائش تي ٿيڻ لڳي جنهن سان لازمي طور ضلعي حڪومتن ۽ آفيسرن وچ ۾ ڇڪتاڻ وارو ماحول پيدا ٿيو. اهڙي صورتحال بابت بالااختيارين کي آگاهي بعد معاملا وقتي طرح ته نبري ويا پر ان جو مستقل حل نه نڪري سگهيو.

ملڪ جي ٻين صوبن ۽ علائقن جي ابتڙ سنڌ جي بلدياتي نظام جي ڪارڪردگي مطمعن ڪن نظر اچي ٿي. بلاشڪ هي نظام نئون آهي ۽ ان کي هلائيندڙ به نوان پر پڙهيل ڳڙهيل آهن، جنهن جي ڪري به ان جي ڪاميابي يقيني نظر اچي ٿي. آخر ۾ آئون هر هڪ ماڻهو جو شڪر گذار آهيان جن هن ڪتاب جي تياري ۾ معمولي کان معمولي مدد ڪئي. انشاالله ٻي ايڊيشن ۾ رهيل سمورو مواد ۽ هن شماري ۾ شامل غلطين کي درست ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي.

ساٿ سلامت

مومن ٻُلو

حيدرآباد

CamScanner

Bird's Eye View

سنڌ جو بلدياتي سرشتو ۽ ان جي اوسر

مڪاني ادارن کي ٽين درجي واري حڪومت جي حيثيت حاصل هوندي آهي. اهي ٻين ادارن وانگر پڻ هڪ قانون هيٺ جوڙيا ويندا آهن ۽ مقامي سطح تي مسئلن ۽ معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ گهڻي ڀاڱي با اختيار هوندا آهن جنهن ۾ ٽيڪس وغيره جو نفاذ به شامل آهي. مڪاني يا بلدياتي ادارن جو دائرو ڏاڍو وسيع آهي ۽ هڪ عام شهري جي روزمره واري زندگي ۾ پيش ايندڙ مسئلن جو حل پيش ڪري ٿو. پيدائش کان وٺي وفات تائين پاڻي جي ضرورت، صفائي سٿرائي، تعليم، شادي غمي، صحت، شهري منصوبه بندي، روڊ ۽ رستا وغيره اهي تمام تر گهرجون ۽ ضرورتون اسان کي بلدياتي يا مڪاني ادارن ذريعي ميسر ٿين ٿيون. ان کان علاوه هي اداره معاشري ۾ ڦهلجندڙ سماجي برائين ۽ جهيڙن جهٽن تي پڻ اثرائتي نموني ضابطو آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا.

بلدياتي ادارا پنهنجي چونڊ واري عمل جي ڪري به ابتدائي سطح تي هڪ تربيت گاهه جو فرض سر انجام ڏين ٿا جنهن ۾ نمائندن ۽ ووٽرن جي گڏيل ۽ اثرائتي نموني تربيت ٿئي ٿي. ڪائونسلرن کي جتي سياسي تربيت ملي ٿي اتي کين قانون سازي ۽ انتظامي معاملن سان پڻ کين روشناسي ٿئي ٿي. جنهن سان ميمبرن کي صوبائي يا مرڪزي سطح وارين اسيمبلين ۾ وڃي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي بيان ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششون وٺڻ ۾ ڪا به تڪليف پيش نه ٿي اچي ۽ اهڙي طرح معاشري ۾ هڪ طرف خوداعتماد ۽ قابل ماڻهن جو اضافو ٿئي ٿو ته ٻئي پاسي علائقي ۾ ترقي جا نوان رستا کلن ٿا. ان سان ووٽر ۾ پڻ سياسي بيداري پيدا ٿئي ٿي ۽ هڪ ووٽر جي حيثيت ۽ ذاتي حيثيت ۽ ووٽ جي اهميت جو پڻ احساس پيدا ٿئي ٿو.

مڪاني ادارن جو پس منظر:

سنڌ جي پهرين انگريز گورنر سر چارلس نيپيئر 1846ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ ڪنزروينسي بورڊ (Conservancy Board) قائم ڪئي، جنهن کي 1852ع ۾ ميونسپالٽي جو نالو ڏنو ويو. 1879ع جي بمبئي ميونسپالٽي ايڪٽ هيٺ ميونسپالٽي نظام جو دائرو وسيع ڪري ان کي پوري سنڌ ۾ لاڳو ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي شهرن ۾ ميونسپالٽيون قائم ڪيون ويون. هن اداري کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ ميونسپل ايڪٽ ۾ وقت به وقت ترميمون ڪيون وينديون رهيون. خاص ڪري 1909، 1921، 1935، 1947، 1954، 1956، 1958 ۽ 1962 جي آئين ۾ ترميمون آڻي ان اداري کي اڃا به وڌيڪ سگهارو بڻايو ويو، جيڪي هن اداري جي اوسر ۾ مددگار ثابت ٿيون.

Hughes Tinker جو سيلف گورنمينٽ سسٽم تي لکيل ڪتاب برصغير وارن لاءِ "بائيبل" جي حيثيت رکي ٿو.

بمبئي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ايڪٽ سال 1901 هيٺ ميونسپالٽين کي پنهنجو صدر چونڊڻ جو حق ڏنو ويو.

1921ع جي ميونسپل فرينچائيز ايڪٽ هيٺ ووٽ جو حق ڏنو ويو. 1933 جي ايڪٽ هيٺ ميونسپالٽين جو درجو ڪارپوريشن ۾ تبديل ڪيو ويو. بمبئي ميونسپالٽي ايڪٽ لاڳو ٿيڻ کان وٺي هن اداري جي ترقي ۽ توسيع تي خصوصي ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ وقفي وقفي سان ان متعلق صلاحن،مشورن ۽ سفارشن تي مبني ڪيترين ئي رپورٽون جاري ڪيون ويون، جنهن ۾ بيلاسز رپورٽ 1860، ڪوري رپورٽ 1894، موري رپورٽ 1884 (جنهن کي 1913 ۾ ٻيهر شايع ڪيو ويو)، ليٽن رپورٽ 1920، ويب رپورٽ 1922، ميرامس رپورٽ 1923، جمشيد مهتا رپورٽ 1935، ميٺ رپورٽ 1928، سڏوا رپورٽ 1939 ۽ پوجواني رپورٽ 1944 شامل آهن. اهڙين رپورٽن جي آڌار تي وقت جي حڪمرانن انهن کي ساليانو بنياد تي شايع ڪرائڻ شروع ڪيو.

موضوع جي مناسبت سان هتي اهو پڻ ڄاڻائڻ لازم ٿو ٿئي ته ميونسپالٽي ايڪٽ 13 اپريل 1853 تي سنڌ جي ٺٽهوڪي ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان عمل ۾ آيو.

مڪاني ادارن جي چونڊن جي ذميداري؟

اسلامي جمهوري پاڪستان جي 1973 واري آئين ۾ ٻه دستوري فهرستون (Legislative lists) آهن. هڪ وفاقي ۽ ٻي اجتماعي (Concurrent). پهرين فهرست 67 مضمونن تي مشتمل آهي مثلن دفاع، پرڏيهي معاملا وغيره. جڏهن ته اجتماعي يا Concurrent list ۾ 47 مضمون آهن جنهن ۾ قانون، فوجداري، صنعتي تعلقات ۽ ٽريڊ يونين وغيره. اهڙا معاملا يا موضوع جنهن جو ذڪر انهن ٻنهي فهرستن ۾ موجود نه آهي، تنهن جي قانون سازي جو حق فقط صوبائي اسيمبلين کي حاصل آهي. جيئن ته مڪاني ادارن جي چونڊن جا موضوع انهن ٻنهي فهرستن ۾ موجود نه آهن ان ڪري هي هڪ صوبائي ذميداري بڻجي وڃي ٿي. هي ڳالهه اهم نوعيت جي آهي ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون وفاقي فهرست جي سيريل نمبر 41 ۾ شامل آهن. تنهن ڪري انهن ادارن جون چونڊون مرڪز جي ذميداري بڻجي وڃن ٿيون. اهڙي طرح انهن ادارن جي چونڊن جو انعقاد به اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ڪرائيندو آهي جيڪو هڪ وفاقي ادارو آهي.

مڪاني ادارا ۽ پاڪستان جو آئين

پاڪستان جي آئين جي Principles of Policy ۾ ٻين شين کان علاوه هي بيان ڪيل آهي ته رياست مقامي ادارن کي فروغ ڏيندي جيڪي چونڊيل نمائندن تي مشتمل هوندا. ان کان علاوه مقامي ادارن ۾

عورتن، هارين ۽ مزدورن کي مخصوص نمائندگي حاصل هوندي (آرٽيڪل 32). آئين جي آرٽيڪل 34 جي مطابق رياست عورتن کي قومي زندگي جي هر پهلو تي مکمل ڪردار ادا ڪرڻ کي يقيني بنائيندي.

مڪاني حڪومت جو نئون نظام

6 آگسٽ 2001 تي متعارف ڪرايل مڪاني حڪومتن وارو نظام ورهاڱي کان وٺي اج تائين هر لحاظ کان هڪ بااختيار ۽ مؤثر ثابت ٿيو آهي. ان نظام هيٺ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شهري توڙي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ مڪاني ادارن جي چونڊ بالغ راءِ جي بنياد تي هڪ خودمختيار اداري اليڪشن اٿارٽي جي نگراني ۾ ڪرائي وئي. صوبائي اليڪشن اٿارٽي جو چيئرمين صوبائي هاءِ ڪورٽ جو جج هوندو آهي. موجوده مڪاني ادارن واري نظام جون ڪجهه خصوصيات هيٺ ڏجن ٿيون. تمام صوبن ۽ وفاق جي انتظام هيٺ علائقن کي پنهنجي پنهنجي مڪاني حڪومت جي قانونن کي ٺاهڻ جو اختيار حاصل هوندو. ان بنياد تي هيٺيان قانون هن وقت عمل هيٺ آهن.

(الف) سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(ب) پنجاب گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(ت) اين ڊبليو ايف پي لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(ث) بلوچستان لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(ج) ڪيپيٽل ٽيريٽري لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس ۾ وفاقي گادي وارو هنڌ ۽ (اسلام آباد) 2001

(ح) ناردرن ايرياز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(خ) آزاد جمون اينڊ ڪشمير لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

(د) فيڊرل ايڊمنسٽرڊ ٽرائيبل ايرياز (وفاق جي زير انتظام هيٺ قبائلي علائقا) لوڪل گورنمينٽ ريگيوليشن 2001

(ذ) ڪينٽونمينٽ ايڪٽ 1924

(2) ٻهراڙي ۽ شهري علائقن جي مقامي حڪومت جي قانونن کي گڏ ڪيو ويو آهي ته جيئن بنائي يا Duplication جو خاتمو آڻي سگهجي. ان ڪري سمجهڻ لاءِ اهي قانون آسان بنايا ويا آهن.

(3) 1973 جي آئين ۾ موجود Principles of Policy جي تائيد ۾ مقامي ادارن ۾ ڪڙمي، مزدور، عورتن ۽ اقليتن جي مناسب نمائندگي جي گنجائش رکي وئي آهي.

(4) سمورن مقامي ادارن ۾ چونڊيل سربراهه هوندا آهن. مثلاً ناظم ۽ نائب ناظم وغيره.

(5) مقامي ادارن جي ڪائونسلن ۾ نامزدگي جو سلسلو بند ڪيو ويو آهي.

CS CamScanner

(6) Delegated اختيارن جي هيٺ مڪاني ڪائونسلون پنهنجي بجيٽ ۽ ٽيڪس جي تجويزن جي منظوري پاڻ ڏئي سگهن ٿيون.

(7) مڪاني ادارن جون چونڊون غير سياسي بنيادن تي ٿينديون آهن. بلدياتي چونڊن جو انعقاد صوبائي اليڪشن اٿارٽي ڪرائيندي آهي. چونڊن ۾ بي قائدگي جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ قانون ۾ سهوليت موجود آهي. انتخابي درخواستن جي ٻڌڻي سمورن صوبن ۽ وفاق جي زير انتظام علائقن ۾ قائم ٽرائيبيونل ڪندا آهن جنهن جو تقرر واسطيدار اليڪشن اٿارٽي ڪندي آهي.

پاڪستان ۾ مڪاني ادارن جو مختصر پس منظر:

برصغير ۾ انگريزن کان اڳ بادشاهي نظام قائم هو ۽ رياست جا سمورا معاملات هڪ مضبوط مرڪز جي ذريعي هلايا ويندا هئا جنهن سان مرڪزي يا unitary حڪومت وجود ۾ آئي. مرڪز کان علاوه هيٺين سطح تي ڪا به شيءِ موجود نه هئي ۽ مقامي حڪومت جو ڪو به تصور موجود نه هو. وڏن وڏن شهرن ۾ ترقياتي ڪم ۽ شهري سهوليتن جي فراهمي مرڪزي انتظاميا جي ذميداري هئا جڏهن ته صوبن ۾ صوبائي گورنرن کي اها ذميداري حاصل هئي. ٻهراڙي ۽ ڳوٺن ۾ طرز زندگي بنيادي ضرورتن کان وانجهيل هئي. پيئڻ جي پاڻي جي رسائي يا ڪني پاڻي کي نڪاڻي لڳائڻ جو ڪو به بندو بست نه هو. وهنجڻ ۽ ڌوئڻ وغيره واهن، تلائن ۽ کوهن تي ڪيو ويندو هو. مقامي سطح جا ٻيا معاملات به پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي غير سرڪاري پنچائتون ادا ڪنديون هيون جنهن جو سربراهه ڳوٺ جو ڪو معتبر شخص هوندو هو.

مغلن جي دؤر ۾ منصوبا بندي جي مطابق شهري ترقي عمل ۾ آئي. ان سان گڏو گڏ روڊ رستا، کوهه، باغ، عمارتون ۽ عوامي فلاحي ادارن جي تعمير جو ڪم ٿيو. هي شهري منصوبا بندي جي شروعات هئي. ليڪن گذريل دؤرن وانگر مقامي حڪومت يا سهوليتن جي فراهمي ۾ عوام جي شرڪت نه هئڻ جي برابر هئي. اهڙي طرح انتخابي عمل جيڪو جمهوريت جو بنياد آهي تنهن جو پري پري تائين نالو نشان نه هو.

برطانوي راڄ پهريون ڀيرو رعايا کي سهوليت ڏيڻ لاءِ مقامي حڪومت جي بنياد تي هڪ الڳ حڪومتي سطح تشڪيل ڏني جنهن ۾ نمائندگي شروع شروع ۾ ته نامزدگي جي ذريعي ٿيندي هئي ليڪن بعد ۾ شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن جي لاءِ ترتيبوار ميونسپل ۽ ضلعي بورڊ ۾ انتخابات جي ذريعي ٿيڻ لڳي. هي نظام سڀ کان پهريائين بنگال ۽ مدراس ۾ قائم ڪيو ويو ۽ بعد ۾ بمبئي، پنجاب ۽ هندستان جي ٻين صوبن ۾ رائج ٿيو. هر صوبي ۾ وڏن شهرن، ڳوٺن ۽ ٻهراڙي جي علائقن جي لاءِ الڳ الڳ قانون جوڙيا ويا.

1947 ۾ ورهاڱي کان پوءِ مقامي حڪومتن ۽ ادارن جي قيام طرف توجه نه ڏني وئي جنهن جو سبب هڪ نئين ملڪ کي درپيش ڪيترائي مسئلا هئا جنهن ۾ وڏي ۾ وڏي مسئلو ڪشمير ۽ مهاجرين جي آبادڪاري شامل هئا.

1958 جي مارشل لاءِ تائين انگريزن جي رائج ڪيل قانون مطابق شهري ادارا ۽ ضلعي بورڊ شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن ۾ رائج رهيا. ان نظام ۾ جيڪا معمولي تبديلي آندي وئي هئي سا ٻهراڙي وارن علائقن

۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي منصوبن ۾ مقامي ماڻهن جي شرڪت هئي. ان ڏس ۾ 1953 ۾ Vil-lage Aid جي نالي هيٺ هڪ منصوبو به شروع ڪيو ويو هو جنهن تحت هڪ ٻهراڙي جي ڪارڪن جي ذمي پنج ڳوٺ ڪيا ويا هئا. اهي ڪارڪن يا رضاڪار ٻهراڙي جي ترقي جي رٿا ۾ رابطي جو ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ پنهنجي برادري ۾ معزز ۽ ڀروسي جوڳو سمجهيو ويندو هو. اهڙي مخصوص پروگرام جي مدد سان ٻهراڙي وارن علائقي ۾ روڊ، اسڪول، اسپتالون ۽ صفائي جو نظام، تعليم بالغان ۽ عورتن ۽ نوجوانن جي بهبود لاءِ منصوبن جو بنياد پيو. ليڪن غيرملڪي امداد تي وڃڻ ڪري هي نظام بند ٿي ويو ۽ آخر ۾ ان کي بنيادي جمهوريت واري نظام ۾ ضم ڪيو ويو. فيلڊ مارشل محمد ايوب خان هڪ نئون محدود آزادي وارو جمهوري نظام متعارف ڪرايو. ان نظام ۾ سڀ ٻهراڙي وارا علائقا Basic Democracies Or-der 1959 هيٺ ٻه سطحي مقامي ادارا يعني يونين ڪائونسل ۽ ضلعي ڪائونسل تشڪيل ڏنا ويا. اهڙي ريت Municipal Administration ordinance 1960 هيٺ شهري علائقن ۾ هڪ سطحي ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي ۽ ٽائون ڪميٽين جو وجود عمل ۾ آيو. ان کان علاوه ڊويزن ۽ تحصيل جي سطح تي به Divisional Council ۽ تحصيل ڪائونسل Tehsil Council جو قيام عمل ۾ آيو. ان نئين نظام ۽ ان جي ادارن جو ڍانچو ۽ نمائندگي جا تفصيل هيٺين ريت آهن.

ٻهراڙي	مغربي پاڪستان	مشرقي پاڪستان
يونين ڪائونسل	3414	4032
تحصيل/ ٿاڻا ڪائونسل	211	411
ضلعي ڪائونسل	46	19

شهري	مغربي پاڪستان	مشرقي پاڪستان
يونين ڪميٽي	810	216
ٽائون ڪميٽي	222	37
ميونسپل ڪميٽي	81	28
ڊويزنل ڪائونسل	12	04

هن نظام هيٺ نه فقط ٻهراڙي ۽ شهري مڪاني ادارن بلڪ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي لاءِ به سڌي طرح چوند نه ٿيندي هئي بلڪ مڪاني ادارن مان سڌي طرح چونڊيل نمائندا هڪ انتخابي ڪاليج Electoral College جي طور تي ڪم ڪندا هئا جنهن جي ذريعي مٿين سطح تي ادارن (قومي ۽ صوبائي اسيمبلي) جي چوند عمل ۾ ايندي هئي. مشرقي ۽ مغربي پاڪستان ۾ 40,000 مقامي نمائندا سڌي طرح چونڊيا ويندا هئا انهن چونڊيل نمائندن کان علاوه تمام مقامي ادارن ۾ نامزدگي به ٿيندي هئي.مقامي ادارن جا سربراهه گورنمينٽ آفيسر مقرر ٿيندا هئا.

Conciliation Courts Ordinance 1961 & Family Courts Ordinance هيٺ يونين ڪائونسلون ۽ يونين ڪميٽين کي ترتيبوار ديهي ۽ شهري علائقن ۾ عدالتي اختيارات عطا ڪيا ويا. ان کان علاوه ديهي ترقي جي خيال کان 1963 ۾ Rural Works Programme شروع ڪيو ويو. 1958 جي مارشل لاء جي نفاذ کان پوءِ تمام چونڊيل ادارا ٽوڙيا ويا ۽ 1971 ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي سول مارشل لاء جي نفاذ کان پوءِ اهڙي ادارن جي جاءِ تي سرڪاري منتظم يا Administrators مقرر ڪيا ويا. هي سلسلو ڀٽو صاحب جي سڄي دؤر حڪومت ۾ جيئن جو تيئن جاري رهيو ۽ جنرل ضياء الحق جي مارشل لاء حڪومت جي ابتدائي دؤر تائين پڻ ان کي هلڻ ڏنو ويو. 1971 ۾ مشرقي پاڪستان هڪ الڳ ملڪ بڻجي چڪو هو. مغربي پاڪستان جو صوبو وڏيڪ چئن صوبن ۾ (پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان) تائين محدود ٿي چڪو هو. جيئن ته 1973 جي آئين هيٺ مقامي حڪومت هڪ صوبائي معاملو يا عنوان بڻجي چڪو هو ان ڪري چئني صوبن پنهنجا الڳ الڳ قانون Local Government Ordinance ناهي ورتا.

انهن مان ڪجھ قانونن کي بعد ۾ واسطيدار اسيمبلي کان پاس ٿيڻ کان پوءِ ايڪٽ جي حيثيت حاصل ٿي وئي. ان دؤر ۾ ملڪ ۾ هيٺيان چار مقامي حڪومت جا قانون رائج هئا.

1. پنجاب لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 1975
2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972
3. بلوچستان لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 1975
4. شمالي مغربي سرحدي صوبو لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972

مڪاني حڪومتن جو نئون نظام:

ايس ايل جي او 2001 هيٺ تشڪيل ڏنل مقامي حڪومتن جو نئون، نظام ورهاڱي کان وٺي اڄ تائين جڙندڙ ڪيئين نظامن کان وڌيڪ مؤثر، مضبوط، با اختيار ۽ سگهارو ثابت ٿيو آهي. هن نظام هيٺ پاڪستان جي هر بالغ رهواسي کي ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو ۽ چونڊون هڪ خودمختيار اليڪشن اٿارٽي جي ماتحت ڪرايون ويون جنهن جي سربراهي هاءِ ڪورٽ جو جج ڪري رهيو هو.

هي نظام ماضي جي نظامن کان ان ڪري به منفرد آهي جو هن ۾ اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقلي کي يقيني بنائڻ لاءِ بلدياتي ادارن کي وڌيڪ اختيار ڏنا ويا آهن. يونين ڪائونسل کان وٺي ضلعي ڪائونسل تائين جي سربراهه ۽ نائب سربراهه کي ناظم ۽ نائب ناظم جو لقب ڏنو ويو. انهن جي پگهارن ۽ مراعات تي مشتمل هڪ پيڪيج تيار ڪيو ويو. ضلعي ناظم کي اهي تمام اختيار ارپيا ويا جيڪي اڳ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ وٽ هوندا هئا. مطلب ته عوام جي مسئلن کي گهرن جي چائنٽ تي حل ڪرڻ واري "اليڪشني نعري" کي عملي جامو پهرائي "نئين نظام" جي نمائندن کي پابند بنايو ويو ته هو پاڻ کي عوام جو حقيقي خادم ثابت ڪري خدمت ڪن.

- سمورن مڪاني ادارن جي چونڊيل سربراهن جي عهدن جا نالا چيئرمين ۽ ميئر مان ڦيرائي "ناظم" ۽ "نائب ناظم" ڏيا ويا.
- مڪاني ادارن ڪائونسلن ۾ نامزدگي جو سلسلو بند ڪيو ويو.
- مڪاني ادارن جون چونڊون غير سياسي بنيادن تي ڪرايون ويون.
- مڪاني ادارن جي چونڊن جو انعقاد صوبائي اليڪشن اٿارٽي ڪرائيندي آهي.

ايس ايل جي او - 2001 تي هڪ نظر:

قلم 16 هيٺ ضلعي حڪومت جو اختيار ۽ ذميواري:

1. ضلعي حڪومت جي اختيارن ۾ انهن کاتن جي آفيسن جو آنتظام ۽ ضابطو شامل آهي، جيڪي ضلعي حڪومت جي حوالي ڪيون ويون آهن، يا جيڪي هن آرڊيننس (2001) هيٺ قائم ڪيون ويون آهن. بشرطيڪ ضلعي حڪومتون اهي اختيار حڪومت جي عام پاليسي جي روشني ۾ ضلعي اندر استعمال ڪن.
2. هڪ ضلعي ۾ هر حڪم ضلعي حڪومت جي نالي ۾ جاري ڪيو ويندو، جنهن جو سربراهه ضلعي ناظم هوندو.

قلم .17 هيٺ ضلعي ناظم:

1. ضلعي ناظم ضلعي حڪومت جو سربراهه هوندو ۽ اهي ڪم سر انجام ڏيندو ۽ اهي اختيار استعمال ڪندو جيڪي هن آرڊيننس هيٺ کيس ڏنل آهن ۽ ان ڏس ۾ ضلعي ڪو آرڊينيشن آفيسر سندس مدد ڪندو.

ڪم ۽ اختيار (خاص خاص ڳالهيون):

(الف) سڄي ضلعي جي ترقي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ ۽ حڪومت جي اثرائتي ڪارڪردگي لاءِ رهنمائي ڪرڻ ۽ هدايتون ڏيڻ.

(ب) ضلعي ڪائونسل طرفان منظور ڪيل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا جي سهڪار سان حڪمت عملي جوڙڻ ۽ وقت مقرر ڪرڻ.

(ج) ضلعي ۾ امن امان قائم رکڻ.

(د) ضلعي صلاحڪار ڪاميٽي جي گڏجاڻين جي صدارت ڪرڻ.

(ڪ) قدرتي آفتن يا تباهڪارين دوران امدادي سرگرمين جون ذميواريون کڻڻ.

* قلم 19 هيٺ ضلعي ناظم ضلعي ڪائونسل جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ بحث مباحثن ۾ شريڪ ٿي سگهندو پر کيس ووٽ ڏيڻ جو اختيار نه هوندو.

* قلم 21 هيٺ ضلعي ناظم صوبي جي سربراهه کي لکت ۾ استعيفا ڏيئي ذميوارين کان آجو ٿي سگهندو.

* قلم 23 هيٺ، صوبائي سربراهه جيڪڏهن اها ڳالهه محسوس ڪري ته ضلعي ناظم جو عهدي تي رهڻ حڪومت جي پاليسي يا ماڻهن جي مفادن جي خلاف آهي يا هن ڪا بد عنواني ڪئي آهي ته هو اهڙا بنياد ڄاڻائي ڪيس هٽائڻ لاءِ صوبائي اسيمبلي ۾ رٽ پيش ڪري سگهي ٿو.

* جيڪڏهن ذيلي فقري (1) موجب پيش ڪيل ٺهراءُ صوبائي اسيمبلي طرفان سادي اڪثريت سان منظور ٿي ويو ته ان ٺهراءُ جي منظوري شرط ضلعي ناظم پنهنجي عهدي تي نه رهندو يا نه رهندي بشرطيڪ ڪيس صوبائي اسيمبلي آڏو صفائي جو موقعو ڏنو وڃي.

* قلم 24 هيٺ ضلعي ڪائونسل جو ڪو به ميمبر ضلعي ناظم خلاف بي اعتمادي جي رٽ پيش ڪري سگهي ٿو.

* قلم 43 هيٺ ضلعي ناظم چونڊ ڪان پوءِ ضلعي ڪائونسل جو پهريون اجلاس شروع ٿيڻ وقت ۽ هر سال جي پهرين اجلاس ڪي خطاب ڪندو ۽ ان سال لاءِ پنهنجي رٿائن ۽ پروگرام بابت آگاهه ڪندو ۽ حڪومت جي ڪارڪردگي تي روشني وجهندو.

باب اٺوينهين ۾ ڄاڻايل قلم 196 هيٺ ايس ايل جي او 2001 جاري ٿيڻ سان

1- سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979 (XII of 1979) ختم ٿي ويندو.

2- سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشن آرڊيننس 2000 (X of 2000) ختم ٿي ويندو ۽

3- سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979 (XII of 1979) هيٺ قائم ٿيل سڀ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشنز، ضلعي ڪائونسلون، ميونسپل ڪميٽيون، ٽاؤن ڪميٽيون ۽ يونين ڪائونسلون ختم ٿي وينديون.

نئين بلدياتي نظام 2001 جي ضلعي ناظمن جي پهرين ڪيپ

(ساڄي کان کاٻي پاسي) مسٽر ارباب عطاءُ الله (ٿرپارڪر)، غلام رسول اُنڙ، مسٽر روشن دين جوڻيجو (سانگهڙ)، مسٽر ڪمال خان چانگ (بدين)، نعمت الله خان ايڊووڪيٽ (ڪراچي)، محمد عارف خان مهر (شڪارپور)، پير شفقت شاهه جيلاني (ميرپورخاص)، سيده نفيسه شاهه (خيرپور)، فريال ٽالپور (نوابشاهه)، سردار علي محمد خان مهر، سنڌ جو وڏو وزير، (ٻه ڄڻي) خورشيد احمد جوڻيجو (لاڙڪاڻو)، ۽ سيد ناصر حسين شاهه (سکر).

اختيارن جي ورڇ

نئين نظام جي نفاذ سان ملڪ جي انتظامي ڍانچي ۾ مڪمل تبديلي رونما ٿي آهي. اختيارن جي منصفاڻي استعمال ۽ انهن کي هيٺين سطح تي منتقل ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل هڪ عملي مشق جنهن کي لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس سال 2001 هيٺ قانوني ۽ آئيني حيثيت حاصل آهي. تنهن نهايت ئي قليل عرصي دوران معاشري ۾ وڏي مڃتا ماڻي آهي.

اڳوڻي ضلعي سربراهه ڊپٽي ڪمشنر جي 9 اهم اختيارن کي ناظمن يعني عوامي نمائندن جي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ۾ 1960 جي ايم پي او جو استعمال ۽ ماڻهن جي غير قانوني اجتماع کي منتشر ڪرڻ لاءِ طاقت جي استعمال جهڙا اختيار شامل آهن.

اهو اختيار 129 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ تحت ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جو قلم 144 لاڳو ڪرڻ، 1884 جي ايڪسپلوزو ايڪٽ (1) 9 هيٺ حادثن جي انڪوائري ڪرائڻ وغيره شامل آهن.

ناظمن کي وڌيڪ فعال ۽ بااختيار بنائڻ لاءِ ڪين اهڙا بيا ڪوڙ سارا اختيار ڏنا ويا آهن جنهن ۾ فوجي سازو سامان جي ترسيل لاءِ جانورن جو استعمال، قومي رضاڪارن ۽ هوم گارڊن جي ڀرتي، ٽيليگراف لائينن ۾ رڪاوٽ يا متبادل طور ڪوٽائي ڪندڙ عملي کي نوٽيس جاري ڪرڻ يا اهڙو بيو بندوبست ڪرڻ جنهن ۾ قبرستانن جي زمين يا اهڙي ٻي ملڪيت تان زوري قبضو خالي ڪرائڻ شامل آهن. ان کان علاوه گورنر پاران جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن موجب سال ۾ ڪن ٻه ٻن موقعن تي ناظم پنهنجي ضلعي اندر عام موڪل جو اعلان ڪري سگهي ٿو.

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنس ججن جا واڌو قانوني اختيار: ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججس کي منتقل ٿيل واڌو قانوني اختيارن جا تفصيل هيٺين ريت آهن: مئجسٽريٽ پاران ڪيس منتقل ڪرڻ، ڪميشن جاري ڪرڻ جا اختيار، قلم 514 سي آر پي سي هيٺ اپيل ٻڌڻ ۽ حڪمن تي نظرثاني ڪرڻ، جاچ مڪمل ٿيل ملڪيت جي اجرا جو حڪم جاري ڪرڻ، ڪيس منتقل ڪرڻ جا اختيار ۽ اغوا ٿيل عورتن جي بازيابي کي يقيني بنائڻ. سنڌ ۾ قرآن پاڪ ايڪٽ (1940) هيٺ ٿيندڙ ڏوهن جو نوٽيس وٺڻ ۽ سنڌ بورسٽل اسڪولس ايڪٽ (1955) هيٺ عدالتن کي مليل اختيارن کي استعمال ڪرڻ.

جڊيشل مئجسٽريٽس جا اختيار: ضمانت پيش نه ڪري سگهڻ جي ڏوهه ۾قيد ٿيل ڪنهن شخص کي آزاد ڪرائڻ، امن ۽ بهتر چال چلت اختيار ڪرڻ بابت بانڊ رد ڪرڻ جا ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا اختيار. پي پي سي ۽ ٻين قانونن هيٺ ڏوهن جا ڪيس هلائڻ، زميندارن کي وارنٽ جاري ڪرڻ، گهر تلاشي جو اختيار. جنهن لاءِ شڪ هجي ته اتي چوري جو مال يا جعلي دستاويز وغيره موجود آهن يا اتي ڪو شخص غير قانوني طرح يرغمال بڻايل آهي. بين ڪيترن ئي معاملن ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ بغاوت جي ڪيسن ۾ ملوث ماڻهن، رولن، شڪي ۽ عادي ڏوهارين کي معاشري کان پري رکڻ. ڪنهن مهل ۽ ڪنهن به جاءِ تان اخلاق کان ڪريل هر قسم جي ڇپيل مواد کي ضبط ڪرڻ، ضايع ڪرڻ ۽ ان کي مٽائڻ لاءِ پوليس آفيسر جي مدد حاصل ڪرڻ. ڪنهن ٻار کي تسليم شده اسڪول موڪلڻ يا پنجاب چلڊرين ايڪٽ 1952 ٻارڙن جي تعليم بابت ڪو جوڳو انتظام ڪرڻ لاءِ ڪو حڪم جاري ڪرڻ، خانگي تنازعن وارا ڪيس، پي پي سي هيٺ ڪنهن جنوني کي سزا ڏيڻ، وڌيڪ جاچ لاءِ حڪم جاري ڪرڻ، ڪنهن به ڏوهاري

کي هاءِ ڪورٽ، سيشن ڪورٽ، ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ، ايس ڊي ايم يا فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ طرفان لڳل سزا وقت امن قائم ڪرڻ لاءِ حفاظتي انتظام ڪرڻ، ڪوڙن يا بيلي جي ڪاٽ کي غير قانوني نموني وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني چارا جوئي ڪرڻ.

ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي ڪيس منتقل ڪرڻ ۽ اتي ضابطو آڻڻ، پوليس کي جهڙتي ۽ داخلا جا اختيار ڏيڻ، رڪارڊ کي ضايع ڪرڻ، تلاشي جا وارنٽ جاري ڪرڻ، سني چال چلت جو پابند ۽ عمر معلوم ڪرڻ لاءِ انڪوائري ڪرائڻ جهڙا اختيار شامل آهن.

اسٽيشن هائوس آفيسرس جا اختيار: غير قانوني اجتماع کي منتشر ڪرڻ لاءِ خانگي فورس ۽ هٿياربند فورس جو استعمال ڪرڻ، انويسٽيگيشن جي سربراهه کي ڪجهه مخصوص ڪيسن جي جاچ لاءِ 196 سي آر پي سي هيٺ بااختيار بنايو ويو آهي. خانگي استعمال لاءِ اسلحي جي درآمد ۽ برآمد جو اختيار فقط صوبائي حڪومت کي هوندو ۽ اهائي اسلحي جو لائيسنس جاري ڪرڻ ۽ قيدين کي قابو ۾ رکڻ لاءِ هدايتون جاري ڪندي.

سنڌ ۾ مئجسٽريسي جي بحالي:

ايس ايل جي او 2001 عمل ۾ اچي وڃڻ ڪري جملي مئجسٽريل اختيار ضلعي آفيسرن کان ماتحت عدالتن طرف منتقل ڪيا ويا. اهڙن اختيارن جي هڪدم منتقلي انتظامي سرشتي کي وائڙو ڪري ڇڏيو جنهن جو اثر عام ماڻهن تي تمام گهڻو پيو. نيٺ ڊگهي بحث مباحثي ۽ تجربي جي آڌار تي سنڌ حڪومت کي پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻي پئجي وئي ۽ 7 مارچ 2003ع تي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي اختيارن کي ٽن مهينن تائين بحال ڪيو ويو ۽ اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪري سمورن ڊي سي اوز، اي ڊي اوز (روينيو)، ڊي اوز (روينيو)، اي ڊي او ۽ مختيارڪارن کي اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ جو مجاز نهرايو ويو. اهي اختيار پي پي سي جي باب اٺون، ڏهون، تيرهون، چوڏهون (ضمانت نه تيڻ جوڳي ڏوهن کان سواءِ وارا ڪيس) هيٺ شامل هوندا ۽ ٽن مهينن کان پوءِ اهڙا ڪيس ازخود واسطيدار عدالتن ڏانهن منتقل ٿي ويندا. اختيارن جي استعمال لاءِ اهو پڻ شرط لاڳو ڪيو ويو ته فقط اهي آفيسر استعمال ڪرڻ جي مجاز هوندا جن وٽ يا ته قانون جي ڊگري هجي يا ڪين گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينن تائين مئجسٽريٽ رهڻ جو تجربو حاصل هجي. سرڪار پاران مئجسٽريسي جي مشروط ۽ محدود بحالي کي ڪجهه تجزيه نگار هن نظام جي خامين ۾ شمار ڪن ٿا.

جديد سنڌ بابت اهم چارٽ

سنڌ جو نئون بلدياتي نظام انگن اکرن ۾

سنڌ جا ضلعي ڪائونسلر

سنڌ صوبي جي ضلعي ڪائونسلن جي ميمبرن جو ڪل تعداد:

نمبر	ضلعا ڪائونسل	ڪل ميمبر
1.	سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي	255
2.	حيدرآباد	146
3.	بدين	96
4.	ٺٽو	79
5.	دادو	144
6.	ميرپورخاص	91
7.	سانگهڙ	84
8.	ٿرپارڪر	63
9.	نوابشاهه	74
10.	نوشهروفيروز	74
11.	خيرپور ميرس	109
12.	سکر	65
13.	گهوٽڪي	57
14.	جيڪب آباد	110
15.	لاڙڪاڻو	114
16.	شڪارپور	67
2-	سنڌ ۾ خاتون ميمبر ڪائونسلر	ڪائونسلرن جو تعداد
1.	ضلعا ڪائونسلون (16)	361
2.	ٽائون ڪائونسلون (ڪراچي)	79
3.	تعلقا ڪائونسلون	402
4.	يونين ڪائونسلون	8752
5.	ڪل تعداد	9594

3- سنڌ صوبي جي يونين ڪائونسلن ۽ ڪائونسلرن جا تفصيل:

نمبر	ضلعي جو نالو	ڪل يوسيز	ڪل ڪائونسلر
.1	ڪراچي	178	3738
.2	ٺٽو	55	1155
.3	بدين	49	1029
.4	دادو	80	1680
.5	حيدرآباد	102	2142
.6	سانگھڙ	59	1239
.7	ٿرپارڪر	44	924
.8	ميرپورخاص	64	1344
.9	نوابشاھ	51	1071
.10	نوشهروفيروز	51	1071
.11	خيرپور	76	1596
.12	سکر	46	987
.13	گھوٽڪي	35	735
.14	جيڪب آباد	77	1617
.15	لاڙڪاڻو	80	1680
.16	شڪارپور	47	987

صوبي جي جاگرافي

.1	صوبي جي مجموعي پکيڙ (اسڪوائر ڪلو ميٽرن ۾)	140940
.2	ڪل ضلعا	16
.3	ڪل تعلقا	87
.4	ڪل ديهون	5956
.5	ڳوٺ	66923
.6	ميٽرو پوليٽن / ميونسپل ڪارپوريشنون	03
.7	ميونسپل ڪميٽيون	33
.8	ٽائون ڪميٽيون	120

تعليم جي شرح

1. شهري

(i)	ٻئي جنسون	1998	63.72
(ii)	جنس مذڪر	1998	69.75
(iii)	جنس مؤنث	1998	56.66

2. ٻهراڙي

(i)	ٻئي جنسون	1998	25.73
(ii)	جنس مذڪر	1998	37.89
(iii)	جنس مؤنث	1998	12.23

3. تعليم

(i)	انرولمينٽ پارٽيپيشن ريٽ (پرائمري)	1997-98	47.80
(ii)	في اسڪول شاگرد (پرائمري)	1997-98	58.93
(iii)	في استاد شاگرد (پرائمري)	1997-98	22.48
(iv)	في اسڪول استاد (پرائمري)	1997-98	2.62

4. صحت

(i)	في ڏهه هزار ماڻهن تي ڊاڪٽر	1998	2.91
(ii)	في ڏهه هزار ماڻهن تي نرسون	1998	0.89
(iii)	في ڏهه هزار ماڻهن تي پيراميڊڪس	1998	3.23
(iv)	في ڏهه هزار ماڻهن لاءِ اسپتالن ۾ بسترا	1998	7.67

5. زرعي پيداوار، في هيڪٽر ميٽرڪ ٽن

(i)	ڪٽڪ	1998-99	3.23
(ii)	چانور	1998-99	7.67
(iii)	ڪنڊ	1998-99	62.964
(iv)	ڪپهه (ڳنڍيون)	1998-99	3.386

روزاني "ڊان" ڪراچي، 2 آڪٽوبر 2002

ملڪ جون ٻه خاتون ناظمائون

نئين بلدياتي نظام هيٺ عام نشتن تي سنڌ جي ٻن ضلعن تي خاتون سربراهن جي چونڊ ملڪي بلدياتي تاريخ ۾ نئين باب جو اضافو ڪيو آهي. ٻئي خاتون ضلعي ناظم : سيده نفيسا شاهه بنت سيد قائم علي شاهه (ضلعو خيرپورميرس) ۽ محترمه فريال منور تالپر(ضلعو نوابشاهه) عوام دوست پيپل جي پٽ پرائي سان ڪٽي آيون. ساڳي طرح خيرپور ضلعي مان عام نشست تي هڪ ئي خاتون ميمبر بيبي ارشاد جيلاني يونين ڪائونسل جيلاني جي ناظم چونڊجي آئي جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي.

ملڪ جا ٽي اعليٰ تعليم يافته ناظم

نئين بلدياتي نظام پاران متعارف ڪرايل نون مثبت جمهوري لاڙن جو اهم ترين پهلو اهو به آهي ته بلدياتي سطح کان وٺي چونڊن ۾ حصو وٺندڙن لاءِ تعليم يافته هئڻ جو بنيادي شرط لازم قرار ڏنو ويو. خاص طور تي ضلعي ناظم جي اميدوار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ پاس هئڻ جو شرط لاڳو ڪيو ويو جنهن کي آزاد مبصرن پاران مضبوط جمهوريت جي قيام طرف "پڪي پيڙهه" تصور ڪيو ويو.

اهڙي چونڊن ۾ سنڌ جي ٽن هنڌن تان ٽي اهڙا نمائندا چونڊجي آيا جيڪي پي ايڇ ڊي سطح جا تعليم يافته هئا جيڪو پڻ ملڪ جي مڪاني ادارن واري تاريخ جو هڪ انوکو رڪارڊ آهي.



تفصيل هن ريت آهن:

1. سيد رضا محمد شاهه ولد جسٽس رٽائرڊ غلام مصطفيٰ شاهه تعلقي ناظم ڇاڇرو، ضلعو ٿرپارڪر

تعليمي قابليت: انٽر ميڊيئيٽ، ڪيمبرج، او ليول بي اي، ايل ايل بي، ايم اي (آءِ آر) پي ايڇ ڊي، (سائوٿ ايشين رليشنس ۽ رورل ڊولپمينٽ پلاننگ)

2. سيدا نفيسا شاهه بنت سيد قائم علي شاهه _ ضلعا ناظم خيرپورميرس

تعليمي قابليت: پي ايڇ ڊي (تعليم جاري)

3. محترما طاهرا ڪوڪب _ ميمبر سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي.

تعليمي قابليت: ايم اي _ پي ايڇ ڊي (تعليم جاري)

(موجوده عهدي تان مستعفي ٿيڻ کان پوءِ سينيٽر چونڊجي آئي)

ضلعي حڪومتن جو نظام سال 2001ع

ضلعي حاڪمن جا چونڊ نتيجا

نئين مڪاني سرشتي هيٺ ضلعي حڪمرانن جي اڳوڻن عهدن ۾ قير قار ڪري "ضلعي ناظم" جو نالو ڏنو ويو.

ضلعي ناظمن جي چونڊ جي ضابطن موجب سنڌن چونڊون ٻن مرحلن ۾ عمل ۾ آيون. 2 آگسٽ 2001 تي منعقد ڪيل چونڊن ۾ سنڌ جي 12 ضلعن جا ناظم اعليٰ وڏي مقابلي کان پوءِ ووٽن جي مقرر حد مطابق ووٽ حاصل ڪري پهرين ڌڪ ۾ ڪامياب قرار ڏنا ويا. جڏهن ته باقي 5 ضلعن جا ناظم 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ نه کٽي سگهيا هئا تن جي چونڊ نئين سري سان 8 آگسٽ 2001 تي عمل ۾ آندي وئي. اهي ضلعا ناظم جيڪي هڪ ئي ڌڪ ۾ 2 آگسٽ تي چونڊجي آيا:

نمبر	ضلعا حڪومت	ضلعي ناظم جو نالو	ٽوٽل ووٽ	حاصل ڪيل ووٽ	چونڊ پليٽ فارم
.1	دادو	سردار ملڪ اسد سڪندر	1004	981	دادو اتحاد پينل
.2	گهوٽڪي	سردار علي گوهر خان مهر	714	397	عوام دوست پينل
.3	حيدرآباد	ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان	2081	1411	عوام دوست پينل
.4	خيرپور	سيده نفيسه شاهه جيلاني	1522	834	عوام دوست پينل
.5	لاڙڪاڻو	خورشيد احمد جوڻيجو	1513	942	عوام دوست پينل
.6	ميرپورخاص	پير شفقت حسين شاهه جيلاني	1314	736	عوام دوست پينل
.7	نوشهرو فيروز	رئيس منسور احمد خان جتوئي	1022	638	سيد جتوئي اتحاد
.8	نوابشاهه	محترمه فريال ٽالپر	986	499	عوام دوست پينل
.9	سکر	سيد ناصر حسين شاهه	914	516	عوام دوست پينل
.10	ٺٽو	سيد شفقت حسين شاهه شيرازي	1117	855	شيرازي ملڪاڻي اتحاد
.11	شڪارپور	محمد عارف خان مهر	905	496	

اهي ضلعي ناظم جيڪي 8 آگسٽ 2001ع تي چونڊيا ويا:

.1	سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي	ايڊووڪيٽ نعمت الله خان	3632	2064	
.2	سانگهڙ	روشن دين جوڻيجو	1212	644	فقير دوست پينل
.3	بدين	ڪمال خان چانگ	1012	507	عوام دوست پينل
.4	ٿرپارڪر	ارباب عطاءُ الله	908	473	ارباب اتحاد
.5	جيڪب آباد	شبير احمد خان بجاراڻي	1432	725	عوام دوست پينل

- ضلعي ناظمن جي چونڊن ۾ ووٽرن جي شرح 99.32% رڪارڊ ڪئي وئي
- ڪنهن به ضلعي جو ناظم بنان مقابلي چونڊجي نه سگهيو.
- جڏهن ته 10 تعلقن جا ناظم بنان مقابلي چونڊجي آيا.
- سمورن ضلعي ناظمن کي واسطيدار ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنس ججن پنهنجي عهدن جو قسم کڻايو.

محمد میاں سومرو، گورنر سنڌ



CamScanner

خالد محمود سومرو

CamScanner



مسجد منزل گاهہ

ساڌوٻيلو

CamScanner



درياھ ڪناري روھڙي جي ھڪ خوبصورت ڪثير المنزلہ عمارت

بندر روڊ سکر تي واقع ھڪ قديم تفريح گاھ

CamScanner

کتاب ۽ ليکڪ متعلق ناميارن، عالمن، اديبن ۽ اڪابرن جا رايا

خصوصي ضميمو- 3

مومن بلي جو پورهيو

مومن بُلي جو هي سچو پورهيو سنڌ جي انتظامي تاريخ متعلق آهي، جنهن تي ماضي ۾ ڪڏهن بہ اهڙي منظم انداز ۾ قلم نہ کنيو ويو. تاريخ جي هن وساريل پر اهم ترين پهلو تي ڀرپور نموني لکي ماضي جي ڇڙوڙ رڪارڊ کي ملائي پڙهڻ لائق بنايو ۽ سمورو برطانوي نظام جيڪو ڏيڍ صدي جو ڊگهو سفر طئي ڪري 2001ع ۾ ايس ايل جي او لاڳو ٿي وڃڻ سان پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. تنهن کي سهيڙي يڪجا ڪيو. ايڏو وڏو ڪم اڪيلي سر ڪري بُلي صاحب تمام وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هي ڪتاب ان ڪري بہ منفرد حيثيت جي حامل ٿئي ٿو جو هي آفيسرن جي شخصي خاڪن کان وٺي ناياب تصويرن وسيلي قديم سنڌ کي جديد نظام حڪومت سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

جيئن اهو هن ڪتاب جي نالي "نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين" مان چٽي طرح عيان آهي، هن ڪتاب ۾ جن ڪردارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تن مان ڪيترن کي مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ بلڪہ هڪ ڪليڪٽر جي پٽ هئڻ جي ناطي گهڻن کي ويجهي کان ڏٺو. هن ڪتاب جي مطالعي سان پراڻي ياد تازي ٿي وڃي ٿي ۽ ماضي جو وساريل ورق زنده ٿي وڃي ٿو. جنهن جذبي سان رڪارڊ جي سهيڙ ڪئي وئي آهي سو پڻ هڪ وڏو جفا جو ڪم آهي. ان جي سهيڙ ۾ اجان بہ جيڪڏهن لياني برتي وڃي ها تہ شايد هي تاريخي شيون ۽ قصا پڙهڻ کان محروم رهجي وڃون ها. مسٽر اي ڊبليو هيو (1874)، مسٽر اي - ايچ ايٽيڪن (1907) ۽ مسٽر ايچ ٽي سورلي جهڙن سنڌ جي مايہ ناز تاريخ نويسن جنهن حب ۽ اڪير سان سنڌ جي تاريخ رقم ڪئي ان ئي جذبي ۽ پيار سان مسٽر مومن بُلي تاريخ جي هن منفرد پهلو کي اجاگر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. شال خدا وند ڪريم سندس هن پورهي ۾ برڪت عطا ڪري (آمين).

حميد سنڌي

حيدرآباد

5 جنوري 2003

ايڪويھين صديءَ جو ٻروچ

اعتبار نہ آيم تہ هيءُ همراھ "مومن" ناليٰ سان اصل "ٻلر" ۽ سنڌي وريءِ ٻروچ سو وري پاڪستان جي واحد هفتيوار انگريزي اخبار The Friday Times جو نمائندو آهي، جنهن جا پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ آئيني حڪومت جي وزيراعظم ۽ ايشين Tiger جي زوال جو سبب بڻي. سڄي دنيا ۾ پاڪستاني صحافت جو مان مٿانهون ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ وڏيڪ مقبول آهي. منهنجي يقين لاءِ اهو ڪافي نہ هو تہ ڀهراڙيءَ جو سو بہ اتر جي ٿپ چڙهن جي ويڙهن مان جنهن رڳو رڍن ۽ رڍن جا رانيپا ۽ رڙيون ۽ رينگٽ رهي ٿو سو ڪندو تحقيق تنهن تي مون ڪئي سخت تنقيد.

هن جي عمر ڏسو ۽ سندس امر ڏسو، همراھ کي غيرت اچي وئي، سندرو ٻڌي ڪيائين الله تهار. مان رٿائر ٿي چڪو آهيان. مون شرط وڌو هئو مانس تہ مون کي فرائيڊي ٽائيمز جي ڪاپي ملندي ۽ مون وٽان هن کي ڪتاب ۽ گهربل مواد ملندو رهندو. اڄ اهو وچن وڙھ ٿيو.

ويهين صديءَ جو ٻروچ مايہ ناز محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ منهنجو محسن استاد عالم آشڪار آهي تہ هلندڙ صديءَ جو تحقيق جي حوالي سان مومن بلو شهسوار آهي. سندس هيءُ ڪتاب مستقبل جي سون محققن لاءِ هڪ ٿي مقرر ٿيندو.

ظفر ڪاظمي
اڳوڻو ڊائريڪٽر
سنڌ ميوزم، حيدرآباد

مومن ٻُلو: هڪ متحرڪ نوجوان

مومن ٻُلو سنڌ جي نئين ٽهيءَ ۾ عملي صحافي *"Working Journalist"* طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. خاص طور سنڌ جي بنيادي مسئلن تي ڏاڍي زوردار نموني سان لکندو پيو اچي. نئين نسل ۾ سنڌس شمار اهڙن سمجهدار ۽ متحرڪ نوجوانن ۾ ٿئي ٿو جيڪي پنهنجي تاريخ، تهذيب، تمدن، سماجي قدرن، ريتن رسمن ۽ رواجن جي بخوبي ڄاڻ رکن ٿا. نوجوان، مومن ٻُلو صحافت جي ميدان تي هڪ دور انديش ۽ مسئلن کي تهه تائين ڏسندڙ مبصر واري نظر رکي ٿو، ۽ موجوده سنڌ سان درپيش مسئلن کي انگن اکرن *(Facts & Figures)* جي روشنيءَ ۾ پرکي نتيجا ڪڍي ٿو. اهو ڏانءُ ۽ نئون انداز سندس انفراديت کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪيس پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ مان سنڌ جي نئين نسل مان پراميد آهيان.

ان کان به وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته هن نوجوان نهايت ئي خاموشيءَ سان تاريخ ۾ تحقيق جي موضوع تي تمام وڏو ۽ ڪارائتو ڪم ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ سندس هڪ ٻي ڪاميابي آهي. هونءَ به مون کي خبر آهي ته سندس تعلق سنڌ جي هڪ اهڙي فيمليءَ سان آهي جيڪا علمي ۽ ادبي پس منظر رکندڙ آهي ۽ ان جا اثر هن نوجوان تي پوڻ لازمي آهي. جنهن جو نتيجو هن اسان کي هڪڙي بي بها ڪتاب جي صورت ۾ مليو آهي. اسان جا اڪثر نوجوان سنڌ جي تاريخي ۽ علمي خزاني کان اڻ واقف آهن. تاريخ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ اينترو ته مواد آهي جو ان ڪتابن جا لکي سگهجن ٿا. پر سوچڻ جي ڳالهه آهي ته اهو ڪم آخر ڪير ڪندو؟ مومن ٻلي جهڙا نوجوان ئي ان لاءِ اڳڀرائي ڪن ۽ سنڌ جي ٽڙيل پکڙيل تاريخي مواد کي تحقيقي انداز ۾ سهيڙي پيش ڪن ته سنڌ جو اهو تاريخي ۽ علمي خزانو هڪ هنڌ ڪٺو ڪري سگهجي ٿو.

اسان وٽ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽي جهڙا علمي ادارا آهن جيڪي مومن ٻُلي جهڙن نوجوانن کان بهتر ڪم وٺي پنهنجي تاريخ کي سهيڙي سگهن ٿا، ۽ انهن ادارن کي هڙن مخلص ۽ سچن نوجوانن سان هر ممڪن سهڪار ڪرڻ کپي. مون کي اميد آهي ته مومن ٻُلي جنهن محنت، جاکوڙ ۽ جستجو سان هي تاريخي خزانو هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي، سنڌ جا ماڻهو ان کي قدر جي نگاهه سان ڏسندا ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪندا. نه رڳو اينترو پر پنهنجي گهرن ۽ ذاتي لائبررين ۾ هڙن ڪتابن کي اهم جاءِ ڏيندا ته جيئن ٻيا نوجوان ان ڪم کي ڏسي ۽ پڙهي پنهنجي قوم، وطن ۽ ٻوليءَ لاءِ مومن ٻُلي جهڙو سوچين ۽ ڪن.

دنيا جي تاريخ پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته، "اهي قومون جن جي تاريخ ۽ تهذيب سندن لاپرواهيءَ سبب متجي تباهه ٿي وڃي ته پوءِ اُهي قومون به زنده رهي نه سگهنديون آهن." مومن ٻُلي جنهن تاريخي رڪارڊ جي نشاندهي ڪئي آهي اهو بنهه ختم ٿيڻ تي هو. ليڪن هن اهو رڪارڊ سهيڙي هڪ هنڌ گڏ ڪري مستقبل جي تاريخدانن ۽ محققن لاءِ "سورس متيريل" محفوظ ڪيو آهي. هن سنڌ جي انتظامي تاريخ تي تمام وڏي ۽ بنيادي تحقيق ڪئي آهي گذريل ٻن سؤ سالن کان وٺي جيڪو قيمتي تاريخي رڪارڊ تباهه ٿي رهيو هو مومن ٻلي ان کي هڪ هنڌ گڏ ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ قيمتي واڌارو ۽ ڪنٽريبيوشن ڪيو آهي. اميد ته هي ڪتاب نوجوان محققن لاءِ هڪ ريفرنس بڪ طور ڪم ايندو.

مان آخر ۾ مومن ٻُلي لاءِ اينترو چونديس ته هو پنهنجي لاءِ جيڪو به رستو چوندي، ان تي بردباري ۽ مستقل مزاجي سان هلندو رهي ته هو تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ تمام وڏي سڃاڻپ پيدا ڪري سگهي ٿو. ۽ سنڌ جي تاريخ تي تمام وڏو تحقيقي ڪم ڪري سگهي ٿو. جيڪو ايندڙ ڪيئن صدين تائين هڪ تاريخي رڪارڊ رهندو.

ڊاڪٽر حميده کهڙو
ڪلفٽن - ڪراچي

اپريل 2003

صدي جو هڪ اهم ڪارنامو

گهڻائي پيرا ذهن ۾ آيو ته سنڌ جي انتظامي تاريخ تي هڪ ڪتاب لکجي جيڪا 1843ع کان وٺي اڄ تائين واري سموري انتظامي وايو منڊل تي محيط هجي. پر پيري ۽ پوڙهپ ڪاڏنهن جو نه ڇڏيو آهي. رکي رکي وري خيال ايندو هو ته ڪنهن کي ان ڏگ لڳايان ته وڃين رڪارڊ جي پٽاڙ ڪري من ڪجھ ملي پوي ۽ هڪ سهڻو ڪتابڙو جڙي پوي. پڻ چئن سان ڳالھ ته ڪيم پر هر ڪو هائو ڪري هليو ويو. نيٺ چپ ڪري ٿي پيس. افسوس به ڏاڍو ٿيو پر ڪري به ڇا پئي سگهيم. انگريزن جيڏا سال ٻاڇاهي ڪئي اوڏو ئي وڏو ۽ وسيع سنڌن تاريخ ۽ ورثو هو، جيترو ڦٻين پاڻ سان گڏ کڻي ويا ۽ باقي جيڪو بچيو سو ڪتا ڪانون کڻي ويا. سنڌ وڃي اهڙي جي اهڙي رهي. هڄين ها عقل ته ڇو پنهنجي گهر جا ٽپڙ ٽڪي ملھ ڀرين کي ڇو وڪرو ڪن ها.

ڳالھ آئي وئي ٿي. جڏهن خبر پيم ته ڪوٽ ٻُلي جو هڪ ٻُلو نوجوان ساماٽو آهي، جيڪو سالن کان پيو انگريز انتظاميا متعلق مواد ڳولي گڏ ڪندو ٿو وتي. وينر جڏهن اهڙي مسودي جي ڪاپي آڻي منهنجي آڏو رکيائين ته سچ پچ دل من ٺري پيو.

سوچيم ته سنڌ اجا گڏڻ ڪونهي ڪاڏي اجا ڪي ٻاهمت ۽ با حوصلا جوان پيا آهن، جيڪي ملڪ جي تقدير بدلائڻ جي ڀرپور صلاحيت سگهھ رکن ٿا. هيڏو وڏو ڪم، جيڪو مون پارو ماڻهو سوچيندي ئي دل جي دوري ۾ پڪي ڳوٺ وڃي پهچي، سو منهنجي من مومن خان پنهنجي ذمي کڻي نوبل پرائيز جو حقدار ٿيو آهي. هر هڪ آفيسر جو فوٽو سان گڏ احوال سنڌن، گروپ فوٽو، عهدا، منزلون، ڪارناما ۽ عيب گناهه ظاهرڪري هن صدي جو وڏو ڪرنامو سر انجام ڏنو آهي. بروچ ماڻهو آهي وينر خانداني ٻار آهي، ڪنهن کان ڏڄڻ پڇڻ به ڪون سکيو اٿائين باقي نياز نوڙت کين ورثي ۾ مليو آهي.

وڏي محنت ڪئي اٿائين خواهش اٿم هن مسودي کي ڪتابي روپ ۾ ڏسي سگهان.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو سنڌ متعلق ڄاڻ تازي ڪرڻ گهري ٿو ته سو هن ڪتاب کي ضرور پنهنجي گهر ۾ رکي. دعا آهي ته ٻُلي سائين کي الله اجا به همت حوصلو ڏئي ته هو پنهنجي هن مشن کي جاري رکي.

27 مارچ 2003

علي احمد بروهي،

ڪراچي

مددي ڪتاب ۽ مددگار

1. *India office list*, Bombay Presidency (1905, 1906, 1907,1912)
2. *History of Service*, Bombay Presidency (1904 -1932)
3. *History of Service of Gazetted Officers of Pakistan* (1952,1958,1962)
4. *History of Alienations in the Province of Sindh* - 1886.
5. *Alphabetical catalogue of the contents of the Pre-Mutiney records of the commissioner in Sindh-1857.*
6. *Dictionary of Indian Biography.*
7. *Studies on Sindh.*
8. *Source Material on Sindh* (M.H Panhwer).
9. *Services and General Administration Department, Government of Sindh, Karachi.*
10. *Institute of Sindhology. Jamshoro.*
11. *Sindh Archives Department, Karachi.*
12. *Aitiken's Gazetteer of Sindh.*
13. *Gazetteer of West Pakistan,* H.T Sorley.
14. *Who's who of Jacobabad.*
15. *Who's who of Larkana.*
16. *All the defunct collectorates of Sindh.*
17. *Working with Zia,* Gen. K.M Arif.
18. *Sukkur, then and now,* Muhammad Siddiq Memon.
19. *Once a happy Valley, Memoirs of an ICS officer*, Roger Pearce.
20. *The Friday Times, Lahore.*
21. *Newsline, Karachi.*
22. *Daily Dawn, Karachi.*
23. *Daily star, Karachi.*
24. *Treasures of the Talpurs*, collections from the courts of Sindh.
25. *Dawn Review.*
26. *Zulfi Bhutto of Pakistan*, Wolpert
27. *Review of Bombay Presidency 1929-1930.*
28. *Karachi, Megacity of our Times,* Dr. Hamida Khuhrro
29. *Hamari Manzil,* Syed Hashim Raza.
30. *Survey settlement report of Shikarpur.*
31. *Sindh Civil list 1869-1899.*
32. *The India office list- 1907.*
33. *Biographical Encyclopedia of Pakistan, 1954, 1975, 1985.*
34. *Scinde in the Forties (1839, 1855)* by Col. Keith Young.

CS CamScanner

35.*John Jacob of Jacobabad*, H.T Lambrik.
36.*The Making of the Modern Sindh*, British Policy & Social change in the 19th century- Dr. Hamida khuhrro.
37.*Jcobabad Through Times & Tides*, Souvenir 1985.
38.*Law courts in a Glass House*, an Autobiography, Chief Justice ® Sajjad Ali Shah.
39.*History of General Sir Charles Napier's Administration of Scinde*, By. Lt. Gen. Sir W. Napier.
40.*Classified list of Archaeological sites and historical monuments protected under the Antiquities Act, 1975*- Compiled by Khan Muhammad, 1987.
41.*The story of Cabinet Mission in India in words and pictures*- Jag Parresh Chander.
42.*Election 1997* (Two volumes)
43.*Delimitation of Seats of P.A/N.A*, An official Gazette year 2002.
44.*Census report, 1998*
45.*History of Karachi.*
46. *Annual report of Sindh public service commission*, years 1997, 2000, 2001.
47. *Muhammad Ayoob Khuhrro, A life of Courage in Politics, By Dr. Hamida Khuhro.*
48. *The District officer in India, By Hun & Harrison.*
49.لب تاريخ سنڌ، منشي رحيم داد خان
50.تماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
51.اهي ڏينهن اهي شينهن، علي محمد راشدي
52.ڪيئين ڪتاب جلد پهريون _ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي
53.سنڌ جون سموريون ضلعا ڪائونسلون
54.جنب گذاريم جن سين، جي ايم سيد
55.ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد
56.ڪاليج ميگزين گورنمينٽ اسلاميا ڪاليج- 1960-1962
57.ڪاليج ميگزين شڪارپور ڪاليج 1958ع
58.ڪاليج ميگزين گورنمينٽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج، حيدرآباد، 1983
59.سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ _ ليمبرڪ
60.سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972
61.سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979
62.سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001

63.هفتيوار نصرت سال 1977ع

64.شڪارپور سونهن جو شهر _ خليل مورياڻي

65.لاڙڪاڻو _ اسدالله ڀٽي

66.راشدي خاندان جو شجرو، سهيڙيندڙ: سيد فيض الدين راشدي

67.جشن شڪارپور، سووينيئر 1982ع

68.تاريخ ضلع نوابشاهه _ پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

69.تاريخ ريگستان

70.سانگهڙ جي سونهن، سووينيئر، سانگهڙ ثقافتي ميلو، 1992ع

71.بدين

72.ملهه ۽ ملاکڙا

73.حمل فقير جو ڪلام

74.سنڌ لوڪل گورنمينٽ ٽرانزيشن ونگ، ڪراچي

75.اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، ڪراچي

اهي شخصيات جن ڪتابن، تصويرن ۽ ناياب مواد سميڙڻ، ڳولڻ ۾ بي مدد ڪئي:

(1) ظفر ڪاظمي (2) سيد هاشم رضا (3) اسدالله ڀٽي، سٽي سدرن گئس ڪمپني، حيدرآباد (4) غلام رباني آگرو (5) نفيس احمد ناشاد (6) عبدالحميد ميمڻ سنڌي (7) پرنس مهدي رضا خان ٽالپور، خيرپور ميرس (8) ڊاڪٽر قاسم سومار ميمڻ (9) ڊاڪٽر مختيار احمد چاچڙ (10) پوٽار ممتاز احمد چاچڙ (11) شوڪت حسين شورو، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (12) ڊاڪٽر غلام علي الانا (13) تاج جويو (14) عبدالغني پاتولي (15) مظفر حسين (رٽائرڊ ڪليڪٽر) (16) نثار احمد صديقي (17) خالد محمود سومرو، چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو (18) امتياز قاضي (19) محمد اسلم سنجراڻي (20) عبدالحميد آخوند (21) ڪي بي رند، چيف سيڪريٽري سنڌ (22)عتيق ميمڻ، لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، ڪراچي، (23) آفتاب احمد ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن (24) عطاءُ المنعم ٻلو (25) مير فاروق ٽالپور، ضلعا ڪائونسل ميرپورخاص (26) ڊاڪٽر سرفراز احمد ڀٽي (27) پروفيسر محمد ادريس جتوئي (28) خالد آزاد وگهيو (29) محمد امين لغاري، (30) رياض خاصخيلي (31) عطاءُ المحسن ٻلو، (32) حسن حمد الرحمان بلو (33) سردار گل محمد بلوچ، خيرپور (34) لطف علي ڪلهوڙو (35) شاهد اقبال، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ (37) مالڪ ڏنو ٻلو (38) راجا هادي بخش ٻلو (39) ميڊم مهتاب اڪبر راشدي (40) آفتاب احمد شيخ، وڏي وزير جو صلاحڪار (41) علي احمد بروهي (42) علي ڏنو پنهور (43) قائم الدين ہلال، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ (44) ڊاڪٽر حميدا کهڙو (54) روشن ڌهراج، احمد علي هاليپوٽو، پي اي سي، ڪراچي (56) سونا خان بلوچ، پي اي سي، پشاور.

CamScanner

With Compliments

Royal Consultants

Re-Engineering, Eveluation

Inspectors/ Civil/ Electrical/

Mechanical/ Architectural Works

A-17/SF,Ali Heights,

Opp: Ali Palace, Qasimabad,

Hyderabad.

Ph: 655833

CamScanner

اسين سنڌ جي ڏيڍ سؤ سالا انتظامي سفر متعلق هڪ انوکي دستاويز

"چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين"

پڌري ٿيڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيون ٿا.

ياران

ميشرز يونيورسل

بوڪ ڊيپو اينڊ اسٽيشنرز

سامهون سينٽ ميريز هاءِ اسڪول،

اسٽيشن روڊ، حيدرآباد

اسين سنڌ جي ڏيڍ سؤ سالا انتظامي سفر متعلق هڪ انوکي دستاويز

"چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومري تائين"

پڌري ٿيڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيون ٿا.

پاران

پيراماؤنٽ رولر فلور ملز

A Unit of Johar Associates (Pvt) Ltd.

Plot # 249, Dih, Main Korangi Creek Industrial Area Road, Karachi.

Ph: (92-21) 5090211 (4 Lines)

Email: johar@khi.compol.com

Web site: www.joharassociates.com

The Strength of Tradition
The Spirit of Enterprise



Dish, 9th or 10th century, gilt silver; diameter 36 cm. Berlin, Museum of Islamic Art

Saudi Pak Commercial Bank Ltd. is pleased to offer its customers reliable and innovative financial services and solutions.

The Bank is backed by Saudi Pak Industrial & Agricultural Investment Company (Pvt.) Limited (owned by the Government of Pakistan and the Kingdom of Saudi Arabia) together with the private sector. It offers customers the comfort of solid financial strength and the highest quality of services through its network of nationwide branches.

Experience our customer-friendly philosophy and talk to any of our officers for banking solutions that provide comfort and satisfaction.

SAUDI PAK
BANK

BRANCH NETWORK :
UAN 111-00-1987

Karachi • Lahore • Islamabad • Rawalpindi • Faisalabad • Gujranwala • Sialkot • Bahawalpur • Multan • Rahimyar Khan • Hyderabad • Sukkur • Quetta • Peshawar • Mirpur (Azad Kashmir)

1974-EX-PCS بيچ

پهرين قطار (کابي کان ساڄي طرف) نذر محمد پناڻ، ابراهيم قيصر، فياض الدين تحسين، محمد فاروق، ارباب هدايت الله (انسٽرڪٽر) علي محمد نوهڙيو، عبدالوهاب خان، محمد سرور خان، محمد رمضان خان چاچڙ (مرحوم)

ٻين قطار (کابي کان ساڄي) مظفر صديق، محمد محسن قريشي، بشارت الله خان، شوڪت حيات دراني، محمد افسر، محمد افتخار عالم، غلام محمد ڪونڌر، مبارڪ هنگورجو، بهروز خان.

ٽين قطار (کابي کان ساڄي) قبول احمد شيخ، محمد آدم قاسمي، مير حسين علي، خالد محمود سومرو، عبدالوحيد ماڪو، شبير احمد انڙ، پير عبدالحق جان سرهندي، نثار احمد صديقي، مشتاق علي، ميمڻ گل محمد عمراڻي، نذير احمد عبا...

CamScanner